Daily Ibrat Karachi Saturday 24th January 2026
سال (18) چنڇر 24 جنوري 2026 ع 04 شعبان المعظم 1447 ھ صفحا 6 - ملھ 30 روپيہ شمارو (125)
Daily Ibrat Hyderabad Saturday 24th January 2026

ABC Certified
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) چنڇر 24 جنوري 2026 ع 04 شعبان المعظم 1447 ھ صفحا 6 - ملھ 30 روپيہ شمارو (162)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

لاشن تي سياست ڪرڻ نہ ڏينداسين، گل پلازه سانحي ڪي 18هين آئيني ترميم سان ڳنڍڻ ڏوهہ آهي: وڏو وزير

سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ سانحي جي شهيدن لاءِ دعا، وارثن لاءِ صبر جميل ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا گهري وئي، متاثر واپارين جي بحالي لاءِ جامع پيڪيج جو اعلان

هي اهڙو سانحو آهي جنهن لاءِ لفظ ڪافي ناهن، بيگناهہ جانيون وڃائجي ويون آهن ۽ شهر ۾ ڏک جي فضا ڇانيل آهي، اهڙي وقت تي ڌيان احتساب، ريليف ۽ انصاف تي هئڻ گهرجي

واقعي بعد ريسڪيو آپريشن دوران منع ڪرڻ باوجود ڪجهہ ماڻهو رڳو ٽي وي ڪوريج لاءِ واقعي واري هنڌ آيا جنهن سبب امدادي ڪارروائين ۾ رڪاوٽون پيدا ٿيون

گل پلازا جي اصل نقشي ۾ رڳو هڪ بيسمينٽ ۽ ٻہ ماڙ اجازت ڏنل هئي بعد ۾ وڌيڪ ماڙ منظور ڪيا ويا، گهٽيون بي ضابطگيون هڪ ڏهاڪو اڳ منظور ڪيون ويون هيون

اهو انتهائي افسوسناڪ آهي تہ اهوئي شخص جنهن ماضي ۾ ميئر طور گل پلازا جي ليز کي بيڪ ڊيٽ تي منظور ڪيو هو اڄ قومي اسيمبلي ۾ ان خلاف قرارداد پيش ڪري رهيو آهي

سنڌ حڪومت فوت ٿيلن جي وارثن کي في فرد هڪ ڪروڙ رپيا معاوضو جاري ڪري چڪي آهي متاثر واپارين لاءِ في دڪان پنج لک رپيا فوري مالي مدد ڏني ويندي

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ اسيمبلي ۾ گل پلازا جي ڊڪوئيندڙ واقعي تي خطاب ڪندي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ متاثرن ۽ متاثر ٿيل واپارين لاءِ ريليف، بحالي ۽ احتساب تي ٻڌل جامع پيڪيج جو اعلان ڪيو ۽ واقعي کي سياست سان جوڙڻ تي ان کي 18هين آئيني ترميم سان ڳنڍڻ جي ڪوشش کي سختي سان رد ڪري ڇڏيو، خطاب جي شروعات ۾ وڏي وزير سانحي جي شهيدن لاءِ دعا، وارثن لاءِ صبر جميل ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا گهري. هن چيو هي اهڙو سانحو آهي جنهن لاءِ لفظ ڪافي ناهن، بيگناهہ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ گل پلازه سانحي بابت ڳالهائي رهيو آهي

سڄي ملڪ ۾ سون جي اگهہ ۾ 9100 رپين جي واڌ، في تولو 5 لک 14662 رپين جو ٿي ويو

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني جي سنڌس

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ دانش اسڪولز اٿارٽي بل 2025ع جي منظوري

اسلام آباد (اي پي پي) پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ دانش اسڪولز اٿارٽي بل

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۽ پنجاب ۾ دهشتگردي ناهي تہ ان جو سبب اهو آهي تہ اتي حڪومتون ڪم ڪري رهيون آهن: عسڪري اختياريون

بورڊ آف پيس ۾ سوچي سمجهي شامل ٿيا آهيون، حماس يا ڪنهن مسلمان خلاف استعمال نہ ٿينداسين: پاڪ فوج

پاڪستان غزه امن بورڊ ۾ شرڪت جو فيصلو 8 وڏن ملڪن سان مشاورت بعد سوچي سمجهي ڪيو آهي، اسرائيل کي فلسطينين جي نسل ڪشي سان رڳو آمريڪا ئي روڪي سگهي ٿو

فلسطين ۽ والاريل ڪشمير جي مسئلا هڪ جهڙا آهن، فلسطين مسلسل سڪڙجندو پيو وڃي، پر اسان انڊيا کي هڪ انچ بہ اڳتي اچڻ نہ ڏنو، غزه مسئلي جو حل سياسي ڳالهين سان ئي نڪرندو

حماس کي غيرهٿياربند ڪرڻ اسان لاءِ ريڊ لائين آهي، پاڪستان صرف پنهنجي مفاد ۾ فيصلو ڪندو آهي، اسان ڪشمير تي سوديبازي ڪڏهن بہ ناهي ڪئي

حماس ۽ حزب الله خلاف آءِ ايس ايف ۾ پاڪ فوج نہ ويندي، اسرائيل فلسطين ۾ نسل ڪشي ڪندو رهيو، جنهن خلاف سڄي دنيا ۾ مظاهرا بہ ٿيا، پر اسرائيل کي ڪير بہ روڪي نہ سگهيو

افغان طالبان کي سمجهايو هو تہ هو اسامہ بن لادن کي اسان جي حوالي ڪن، پر انهن اها ڳالهہ نہ مڃي، پوءِ جڏهن حملو ٿيو تہ اهو ڪرڻو وانگر ڀڄي ويا

پاڪستان طالبان کي چيو تہ ٽي ٽي پي جي قيادت اسان جي حوالي ڪريو پر انهن جو دين پئسو بڻجي ويو، بلوچستان ۾ سڀ ڪان وڌيڪ آپريشن ٿي رهيا آهن: اسلام آباد ۾ صحافين سان ڳالهيون

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) عسڪري ذريعن جو چوڻ آهي تہ بورڊ آف پيس ۾ سوچي سمجهي شامل ٿيا آهيون پاڪ فوج حماس يا ڪنهن مسلمان جي خلاف استعمال نہ ٿيندي، سيڪيورٽي اختيارين آمريڪي صدر جي بورڊ آف پيس ۾ شموليت تي وضاحت ڏيندي چيو آهي تہ پاڪستان 8 وڏن ملڪن سان گڏجي بورڊ ۾ شرڪت جو فيصلو ڪيس پاڪ فوج

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پاڪستان جو مستقبل سڌوسنئون نوجوان نسل سان واڳيل آهي: صدر آصف زرداري

ٽيڪنالاجي تائين بهتر پهچ جهڙا قدم نوجوانن کي عملي معيشت ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ ۾ مدد ڏئي رهيا آهن

مفت ۽ لازمي تعليم جي ضمانت هاڻ بنيادي حق جي لاءِ اسان جي گڏيل عزم جي عڪاس آهي

دعا آهي تہ اسان جون گڏيل ڪوششون ايندڙ نسلن جي لاءِ امن، ترقي ۽ خوشحالي جون ضامن هجن

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي تہ پاڪستان جو مستقبل سڌوسنئون ان جي نوجوان نسل سان واڳيل آهي، اعليٰ تعليم تائين پهچ مستحق شاگردن جي امداد ۽ ٽيڪنالاجي تائين بهتر

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

تعليم غربت، انتهاپسندي ۽ بي انصافي خلاف ويڙهہ ۾ مضبوط ترين هٿيار آهي: بلاول ڀٽو

دنيا جا اسرندڙ ملڪ پنهنجي منزل جو تعين جنگ جي ميدانن ۾ نہ پر ڪلاس رومز ۾ ڪن ٿا

هڪ ٻار کي تعليم ڏيڻ سان هڪ خاندان کي بااختيار ۽ هڪ ڪميونٽي کي بلند ڪيو وڃي ٿو

پيپلز پارٽي پسمانده طبقن لاءِ برابري وارا تعليمي موقعا مهيا ڪرڻ لاءِ جدوجهد جاري رکندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري تعليم کي وقار، مساوات ۽ اميد جي سڀ کان طاقتور محرڪ ۽ غربت، انتهاپسندي ۽ بي انصافي خلاف مضبوط ترين هٿيار قرار ڏنو آهي. هن چيو تہ ملڪ جي منزل جو تعين ميدانِ جنگ نہ پر ڪلاس رومز ڪن ٿا ۽ قومون گولين سان نہ پر ڪتابن سان تعمير ٿين ٿيون. ميڊيا

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت طرفان ڪراچي جي ترقياتي رٿائن لاءِ 21 ارب رپين کان وڌيڪ گرانٽ منظور

وڏي وزير جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ روڊن جي بحالي ۽ بهتري لاءِ جامع پيڪيج منظور ڪيو ويو

شهر جي روڊن جي فوري بحالي معاشي ترقي ۽ عوامي سهولت لاءِ انتهائي ضروري آهي: مراد علي شاهہ

منظوري وارا مرحلا تيز ڪري سڀني منصوبن تي شفاف، معياري ۽ وقت سر عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ ڪائون ميونسپل ڪارپوريشنز (ٽي ايم سيز) جي روڊن جي بحالي ۽ بهتري لاءِ 21.53 ارب رپين جي جامع پيڪيج جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي صدارت ۾ ڪراچي کي ايم سي ۽ ٽي ايم سي جي روڊن جي تعمير بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

سينيٽ جو اجلاس اڻڄاتل مُدي لاءِ ملتوي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جو اجلاس اڻڄاتل مُدي لاءِ ملتوي ڪيو ويو آهي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ايران طرفان آمريڪا جي وڏي سامونڊي ٻيڙي جي روانگيءَ جي دعويٰ

بيجنگ (اي پي پي) ايران طرفان وڏي سامونڊي ٻيڙي جي روانگي بابت آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي بيان تي چين رد عمل

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

جي يو آءِ جي سربراهہ پاران 18 سالن کان گهٽ عمر وارن نوجوانن جي شادين بابت قانونسازي غيراسلامي قرار

آئون 18 سالن کان گهٽ عمر وارن نوجوانن جون شاديون ڪرائيندس: مولانا فضل الرحمان

مون کي محسوس ٿي رهيو آهي تہ اوهان دٻاءَ هيٺ آهيو: اجلاس ۾ مولانا فضل الرحمان جو اسپيڪر اياز صادق سان مڪالمو

هتراهو هو تہ اها قانون سازي اسلامي نظرياتي ڪائونسل ڏانهن موڪلي وڃي ها، اهڙا قانون ملڪ ۾ نہ هلڻ ڏينداسين

ڊونلڊ ٽرمپ اسرائيل جي جارحيت کي طاقت ڏئي رهيو آهي، ٽرمپ حماس کي ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي: قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ خطاب

اسلام آباد (م ڊ) جمعيت علماءِ اسلام (جي يو آءِ) جي سربراهہ مولانا فضل الرحمان جو چوڻ آهي تہ مان 18 سالن کان گهٽ عمر وارن نوجوانن بابت قانون سازي کي غير اسلامي سمجهان ٿو مان توهان جي قانون جي ڀڃڪڙي ڪندس، 18 سالن کان گهٽ عمر وارن نوجوانن جون شاديون

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

چوڪيدارين وارو واقعو پوري سماج لاءِ شرمناڪ آهي: قرت العين مري

پيپلزپارٽي هر صورت ۾ مظلوم نياڻي ۽ سندس خاندان سان گڏ بيٺل آهي

واقعي جو ڪيس داخل ٿي چڪو آهي ۽ جوابدار کي بہ گرفتار ڪيو ويو آهي

سانگهڙ /ڄام نوازعلي (نمائندن وٽان) چوڪيدارين ۾ نياڻي سان ٿيل انسانيت سوز تشدد جي واقعي تي سخت ردعمل ظاهر ڪندي سينيٽر قرت العين مري چيو آهي تہ اهڙو واقعو پوري سماج لاءِ شرمناڪ آهي، جتي هڪ معصوم نياڻي سان بي رحمانہ سلوڪ ڪيو ويو. هن چيو تہ پاڪستان

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2



سانگهڙ: سينيٽر قرت العين مري ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

حيدرآباد: انڪ سٽي هائوسنگ سوسائٽي ۾ ٻن مهينن کان پيئڻ جو پاڻي بند، رهواسين جو احتجاج

قاسم آباد ۾ ميمڻ ڊيلوپ سوسائٽي پرسان واقع انڪ سٽي هائوسنگ سوسائٽي فيز ٻن ۾ گذريل ٻن مهينن کان رهواسي پيئڻ جي پاڻي کان محروم

پيئڻ جو پاڻي ڇاڪاڻ واٽي بند ڪيو ويو آهي ۽ واسا انتظاميا جي مبينا ملي ڀڳت سان اهو پاڻي بلڊر مافيا کي فراهم ڪيو پيو وڃي: رهواسي

رهواسي مهانگي اگهہ تي پاڻي جا ٽينڪر خريد ڪرڻ تي مجبور، ڪيترائي ڀيرا واسا عملدارن وٽ شڪايتون داخل ڪرايون ويون

فوري طور تي علائقي ۾ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي بحال ڪئي وڃي: اعليٰ اختيارين، ڪمشنر حيدرآباد، ڊي سي ۽ واسا جي ڊي جي کان مطالبو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد قاسم آباد جي علائقي انڪ سٽي هائوسنگ سوسائٽي ۾ ٻن مهينن کان پيئڻ جو پاڻي بند، رهواسين جو احتجاج تفصيلن موجب قاسم آباد ۾ ميمڻ ڊيلوپ سوسائٽي پرسان

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2



ملتان: مملڪتي وزير عبدالرحمان ڪانجو شاگردياڻين ۾ ليپ ٽاپ ورهائي رهيو آهي

عمران خان کي اڪيلائي، ذهني اذيت ۽ غيرانساني حالتن ۾ قيد رکڻ نہ انساني حقن جي ڀڃڪڙي آهي: فهيم خان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف ڪراچي ڊويزن جي سينيئر نائب صدر ۽ اڳوڻي قومي اسيمبلي ميمبر فهيم

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري پاران گل پلازا فائر انسيڊنٽ ڪميٽي قائم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم اي جناح روڊ تي واقع گل پلازا ۾ لڳندڙ هولناڪ باهہ

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي ادارو پاڻ فائر سيفٽي سسٽم کان محروم هجڻ جو انڪشاف

پنج ماڙ عمارت ۾ فائر فائٽنگ جا اوزار تباهہ حال ۽ غير ڪارآمد بڻيل آهن: ذريعا

ايس بي سي اي جي مک آفيس ۾ ايمرجنسي رستا بہ ڪچري جي ڍيرن سبب بند پيل آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي عمارتن

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

آءِ جي سنڌ پاران شڪارپور ۾ شهيد ٿيندڙ ايس ايڇ او جي بهادري ۽ قرباني کي خراج تحسين پيش

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شڪارپور روڊ تي ڌاڙيلن سان مقابلي دوران ايس ايڇ او لکي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

حضرت امام حسينؑ عظيم قرباني سان اسلام کي نئين زندگي بخشي: ضياءَ لنجار

ڪربلا اسان سڀني کي ظلم خلاف بيهڻ ۽ اصولن تان سوديبازي نہ ڪرڻ جو درس ڏئي ٿو

اها قرباني جي اهڙي عظيم مثال آهي، جيڪا قيامت تائين انسانيت لاءِ مشعل راهہ رهندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صوبائي

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: نامور شاعر افتخار عارف آرٽس ڪائونسل ۾ ڳالهائي رهيو آهي

گل پلازا سانحي جي ذميواري اڳوڻي ميئر نعمت الله خان تي پڻ آهي: سعديہ جاويد

جماعت اسلامي جي بيان ۾ غير سنجيده ۽ ڪوڙ تي ٻڌل سياست واضع ٿي

وڏي وزير پاران پيش ڪيل حقيقتن جماعت اسلامي جي ڪوڙ ۽ منافقت کي بي نقاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديہ جاويد، جماعت اسلامي جي امير حافظ نعيم جي گل پلازا سانحي تي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي پرسان ڪار ۽ ڊمپر ۾ زوردار ٽڪر، عورتن ۽ ٻارڙن سميت 6 ڄڻا فوت، ٻہ زخمي

چانور گودام پرسان حيدرآباد کان ٺٽو ويندڙ مهراڻ ڪار ۽ ڊمپر ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي پرسان چانور گودام وٽ ڊمپر جو ڪار کي زوردار ٽڪر لڳڻ سبب ڪار سوار 6 ڄڻا فوت ٿيڻ جا اطلاع مليا آهن ان حوالي سان مليل رپورٽ موجب حيدرآباد کان ٺٽو ويندڙ مهراڻ ڪار

بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2



سيالڪوٽ: بجاءِ وارو وفاقي وزير خواجہ محمد آصف سيالڪوٽ چيمبر آف ڪامرس ۾ خطاب ڪري رهيو آهي

آمريڪا ۽ اسرائيل غلط اندازا نہ لڳائين اسانجي فوج تيار آهي: ايران

اسان جي فوج پنهنجون آڱريون ٽريگر تي رکيون آهن: پاسداران انقلاب جو سربراهہ

صدر ٽرمپ ڪيترائي ڀيرا ايران خلاف فوجي ڪارروائين جون ڌمڪيون ڏنيون

تهران (اي پي پي) ايران جي پاسداران انقلاب ڪور جي سربراهہ جنرل محمد پاڪپور آمريڪا ۽ اسرائيل کي خبردار ڪيو آهي تہ

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

جهارکنڊ ۾ پارٽي فورسز هٿان سي پي آءِ ايم جي ليڊر سميت 16 ڄڻا قتل

پارٽي فوج مرڪزي ڪميٽيءَ جي ميمبر انل دہ عرف پتيرام مانجهي ۽ ٻين کي قتل ڪيو

نئين دهلي (اي پي پي) پارٽي رياست جهارکنڊ ۾ پارٽي فورسز ڪميونسٽ پارٽي آف انڊيا- مائوسٽ جي هڪ سينيئر ليڊر

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اڳوڻي حڪومت پاڪستان کي ڊيواليٽي طرف ڌڪيو: بلال اظهر ڪياني

اهي وڃڻ وارا هئا تہ انهن ڇاڻي واڻي آءِ ايم ايف پروگرام کي نقصان پهچايو

اقتدار سنڀاليو تہ ان کي هڪ تباهہ ٿيل آءِ ايم ايف پروگرام ورثي ۾ مليو

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ ريلوي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني چيو آهي تہ اڳوڻي حڪومت پنهنجي سياسي انا ۽

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني جسٽس شاهد وحيد ۽ ڊاڪٽر عمر اوسيني سيڪريٽري جنرل او آءِ سي ڪانفرنس ۾ شريڪ آهن

ڪراچي ۾ تحريڪ انصاف جو اڳواڻ بلال منصور پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿي ويو

ٻي پ پ ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر سان ملاقات ڪري شموليت جو اعلان ڪيو

صدر آصف زرداري ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت تي مڪمل اعتماد جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پ پ ليڊيز ونگ جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر سان پي ٽي آءِ ڪراچي جي اڳواڻ بلال منصور جي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

حضرت امام حسينؑ جي ولادت پوري انسانيت لاءِ برڪت، خوشي ۽ فخر جو ڏينهن آهي: وڏو وزير

ڪربلا ۾ ڏنل قرباني اڄ بہ ظلم، جبر ۽ ناانصافي خلاف جدوجهد لاءِ هڪ زنده مثال آهي

اڄ جي دور ۾ سماج کي عدل، انصاف ۽ سچائي جي سخت ضرورت آهي: پيغام ۾ اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهہ حضرت امام حسينؑ جي ولادت باسعادت جي موقعي تي پنهنجي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

حسينؑ پيغام ظلم خلاف آواز بلند ڪرڻ سچ جو ساٿ ڏيڻ جو درس ڏئي ٿو: سردار عبدالرحيم

ڪربلا سيکاري ٿي تہ اقتدار، طاقت ۽ ذاتي مفادن خاطر اصولن جو سودو نٿو ڪري سگهجي

اسان کي پنهنجي ڪردار، سياست ۽ سماجي روين ۾ عدل، ايمانداري ۽ قرباني کي اختيار ڪرڻ پوندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي حضرت امام حسينؑ جي ولادت باسعادت جي موقعي تي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

گل پلازا سانحي جي جاچ ۽ سرچ آپريشن جاري، ذميوارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو

سرچ آپريشن مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ واقعي جي مختلف پهلوئن کان جاچ کي وڌيڪ تيز ڪيو ويو

عمارت جي تعمير، فائر سيفٽي انتظامن، نڪرڻ وارن رستن ۽ اجازت نامن بابت رڪارڊ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازا سانحي جي جاچ ۽ سرچ آپريشن جاري، ذميوارن خلاف ڪارروائي جو مطالبو تيز ڪراچي جي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

گل پلازه سانحو رياستي نااهلي، مجرمانہ غفلت ۽ ڪرپٽ حڪمراني جو ثبوت آهي: جي ڊي اي

حڪومتي ڪاتا عوام جا محافظ ٿيڻ بدران بلڊر مافيا ۽ ڪرپٽ آفيسرن جا سهولتڪار بڻيل آهن

ميئر ڪراچي، وزير بلديات، وزير محنت ۽ سماجي تحفظ ۽ وڏو وزير فوري طور استعفيٰ ڏين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي گل پلازا ۾ پيش آيل المناڪ سانحي تي گرينڊ ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) جي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2



لاڙڪاڻو: صوبائي وزير محمد بخش خان مهر ۽ ايم پي اي جميل سومرو ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

ڪراچي ۾ عورتن کي يرغمال بڻائي گهرن ۾ ڌاڙا هڻندڙ گروهہ گرفتار

ڪياماڙي ٻاڪس ۾ چار رڪني گروهہ کي سربراهہ سميت گرفتار ڪيو ويو

جوابدارن وٽان ٻہ پسٽول، ڦريل موبائل فون، سونا زيور ۽ موٽر سائيڪل بہ هٿ ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي علائقي ڪياماڙي ڊاڪس ۾ پوليس اهم ڪارروائي ڪندي عورتن کي يرغمال بڻائي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ويجهو ٻيڙي اونڌي ٿيڻ سبب 10 ڄڻا ٻڏي ويا، 6 کي بچايو ويو، 4 گم

منهوڙي ويجهو ٻيڙي سمنڊ ڪناري پرسان اچڻ دوران توازن وڃائڻ سبب اونڌي ٿي پئي

اطلاع تي ريسڪيو ٽيمون روانہ ڪيون ويون بروقت آپريشن ڪندي ٻڏي ويل 6 ماڻهن کي بچايو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي منهوڙي ويجهو سامونڊي علائقي ۾ هڪ ٻيڙي سمنڊ ۾ اونڌي ٿي پئي، جنهن دوران

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

حڪومت روانگي واپار ڪندڙن جي حقن جي تحفظ لاءِ سنجيده قدم کڻي پئي: خواجہ آصف

ايڪسپورٽ ڊولپمينٽ فنڊ روانگي واپار ڪندڙن جو پنهنجو پئسو آهي جيڪو سندن فلاح ۽ بهبود لاءِ خرچ ٿيڻ گهرجي

شاعرِ مشرق علامہ اقبال ڏنل ڪتاب جي مسلمانن ۽ هن ملڪ جو عظيم محسن هو ۽ هميشہ محسن طور ياد رکيو ويندو

سيالڪوٽ (اي پي پي) بجاءَ واري وفاقي وزير خواجہ محمد آصف چيو آهي تہ حڪومت روانگي واپار ڪندڙن جي حقن جي تحفظ لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي. اهڙو اظهار هن سيالڪوٽ چيمبر آف

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

آمريڪي صدر طرفان وينزويلا ۾ فوجي اختيار محدود ڪرڻ جو ٺهراءُ ناڪام

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي نمائندن

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

ساحلي علائقن کي صاف رکڻ ڪي ايم سي جي ذميواري آهي: پارلياماني سيڪريٽري

برسات جو پاڻي گڏ ڪرڻ واري منصوبي سميت سڀ ڪيڏان جا ٻرين پڻ ناهي رهيا آهيون: حسن علي شاهہ

ڪراچي (رپورٽ: مجيد عباسي) ماحوليات

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي سمورين رٿائن کي جلد مڪمل ڪرڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آندا پيا وڃن: شرجيل ميمڻ

ريڊ لائن ۽ بليو لائن بي آر ٽي شهر جي اهم علائقن کي هڪٻئي سان ڳنڍڻ اهم منصوبن جي پوري ٿيڻ سان شهر جي ٽرانسپورٽ نظام ۾ نمايان بهتري ايندي

پنڪ اسڪوٽيز جي ٻئي مرحلي کي جلد شروع ڪرڻ ۽ ورڇ جا پروگرام منعقد ڪرڻ جون هدايتون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ڪراچي ۾ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ کاتي جو هڪ

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ڊيووس کان دبئي پهچي ويو

دبئي (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

صدر آصف زرداري پاران چترال ۾ برفاني ڇپ ڪرڻ سبب قيمتي انساني جانين جي نقصان تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت ۾ اجلاس ٿي رهيو آهي

زال کي گهورڻ، طلاق يا ٻي شاديءَ جي ڌمڪي ڏيڻ ڏوهہ قرار، پارليامينٽ ۾ قانون منظور

پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ ڊوميسٽڪ وائلنس (پريوينشن اينڊ پروٽيڪشن) ايڪٽ 2026 منظور ڪيو ويو

ڊوميسٽڪ وائلنس ايڪٽ زال، ٻارن، بزرگن، هنج ورتل ٻارن، ٽرانسجينڊر ۽ گهر ۾ گڏ رهندڙ سڀني ماڻهن تي لاڳو ٿيندو

گهريلو تشدد مان مراد جسماني، جذباتي، نفسياتي، جنسي ۽ معاشي بدسلوڪي آهي جنهن سان متاثر شخص ۾ ڊپ پيدا ٿئي

ڊوميسٽڪ وائلنس ايڪٽ ۾ زال کي گهورڻ، ٻي شادي يا طلاق جي ڌمڪي ڏيڻ ڏوهہ قرار، گهٽ ۾ گهٽ 6 مهينا ۽ وڌ ۾ وڌ 3 سال قيد جي سزا مقرر

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس ۾ زال ۽ ٻارن جي سماجي تحفظ بابت هڪ اهم قانون منظور ڪيو ويو آهي جنهن تحت زال کي گهورڻ، طلاق يا ٻي شادي جي ڌمڪي ڏيڻ ۽ زال کي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

نوجوانن کي تعليمي سفر جي ذميواري سنڀالڻ لاءِ بااختيار بڻائڻ ضروري آهي: شرميلا فاروقي

روشن مستقبل جي تعمير لاءِ نوجوان ذهن جي توانائي، تخليقي صلاحيتن کي ڪتب آڻڻ ناگزير آهي

نوجوانن جي قيادت ۾ هلندڙ قدمن ۽ ڀائيواري سان مثبت تبديلي اچي سگهي ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) تعليم جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي، جيڪو هر سال گڏيل قومن جي تعليمي، سائنسي ۽

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2



حيدرآباد: هڪ چنگچي رڪشا تي نوجوان چڪون کڻي وڃي رهيو آهي

ڪراچي ۾ تازين برساتن کانپوءِ منگهوپير ٽائون ۾ رين ايمرجنسي لاڳو

نالن جي صفائي ۽ برساتي پاڻي جي نيڪالي لاءِ جامع آپريشن شروع ڪيو ويو

چيئرمين حاجي نواز علي بروهي مختلف گهٽين، رستن ۽ نشيبي علائقن جو جائزو ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ٿيل تازين برساتن سبب منگهوپير ٽائون جي يوسي 14 ۾ عوامي مشڪلاتن کي نظر ۾

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

آمريڪي صدر ڪئنيڊا جي وزيراعظم کي "بورڊ آف پيس" ۾ شامل ٿيڻ جي دعوت واپس وٺي ڇڏي

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ڪئنيڊا جي وزيراعظم مارڪ ڪارني کان پنهنجي تازو قائم ڪيل "بورڊ

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2



راولپنڊي: سنڌ سماءَ وارو پارلياماني سيڪريٽري دانيال چوڌري مقامي ڪاليج ۾ شاگردن کي ٽرافي ڏئي رهيو آهي

وفاقي اردو يونيورسٽي ۾ مالي بحران جي حل لاءِ 1.5 ارب رپين جي بيل آئوٽ پيڪيج جي تجويز

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر فضل

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

وادي تيراهہ ۾ شديد برفباري سبب ڦاٿل آءِ ڊي پيز کي محفوظ هنڌن منتقل ڪرڻ لاءِ ريسڪيو آپريشن

ضلعي انتظاميا جي نگراني هيٺ وقتائتا قدم کنيا ويا، جن جي نتيجي ۾ سمورا متاثر خاندان محفوظ رهيا

صوبائي حڪومت، پاڪ فوج جي امدادي ڪارروائين سبب لڏپلاڻ ڪندڙ سمورن خاندانن کي فوري رليف فراهم

صورتحال تي نظر آهي، موسم بهتر ٿيندي ئي امدادي ۽ نقل مڪاني جون سرگرميون ڀرپور شروع ڪيون وينديون: انتظاميا

خيبر (مانيٽرنگ ڊيسڪ) خيبر ضلعي جي وادي تيراهہ ۾ ٿيل تازي شديد برفباري سبب ڦاٿل آءِ ڊي پيز کي محفوظ هنڌن تي منتقل ڪرڻ لاءِ ريسڪيو آپريشن جاري آهي. ڊپٽي ڪمشنر خيبر بلال شاهد

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي ۾ صوبائي وزير محمد بخش مهر جي کليل ڪچهري، شڪايتن جي حل لاءِ ترت حڪم جاري

کلي ڪچهري ۾ ايم پي اي جميل احمد سومرو، ضلعي چيئرمين اعجاز احمد لغاري سميت ٻين عملدارن شرڪت ڪئي

پ پ چيئرمين جي هدايتن تي عوام جا مسئلا ٻڌڻ ۽ حل ڪرڻ لاءِ سندن در تي پهتا آهيون: صوبائي وزير

شهرين پاران نقلي زرعي دوائن ۽ اٽي جي مهانگائي، هاري ڪارڊ جا پئسا نہ ملڻ سميت ٻيون شڪايتون ڪيون ويون

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي جناح باغ ۾ صوبائي وزير زراعت، اسپورٽس ۽ اينٽي ڪرپشن سردار محمد بخش مهر پاران کلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ عوام شرڪت ڪئي، کلي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

ڪئنيڊا آمريڪي صدر جي بيان کي رد ڪري ڇڏيو

اوٽاوا (اي پي پي) ڪئنيڊا آمريڪي صدر

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

گل پلازه سانحي ۾ فوت ٿيل وڌيڪ 4 لاشن جي ڊي اين اي ذريعي سڃاڻپ ٿي وئي

سڃاڻپ ٿيل فوتين ۾ محمد عارف، محمد رمضان، محمد حنيف ۽ خاتون ڪوثر پروين شامل

ڊي اين اي ذريعي سڃاڻپ ٿيل لاشن جو انگ 13 ۽ مجموعي طور تي سڃاڻپ جو انگ 20 ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازه سانحي ۾

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وفاقي راڄڌاني ۾ برساتن بعد رستن تي پاڻي بيٺل آهي، ٻئي طرف ٽريفڪ جام نظر اچي رهي آهي

بقايا	27	ملتوي

ڪالهه سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني جي صدارت هيٺ اجلاس منعقد ٿيو اجلاس جي شروعات ۾ سوالن جو وقفو معطل ڪيو ويو اجلاس ۾ قانونسازي بابت رٿون، اسٽينڊنگ ڪميٽين جون رپورٽون بل ڌيان ڇڪرايو نوٽيس، قاعدن ۽ ضابطن ۾ ترميمون ۽ ٻيا معاملا اڪلايا ويا. بعد ۾

بقايا	35	ناڪام

واري ايوان ۾ ري پبلڪن ميمبر ان ٺهراءُ کي رد ڪري ڇڏيو آهي جنهن تحت صدر ڊونلڊ ٽرمپ کي ڪانگريس جي منظوري ڪانسواءِ وينزويلا ۾ وڌيڪ فوجي ڪارروائي کان روڪڻ هو پرڏيهي ميڊيا مطابق ڳڏيل ڏينهن آمريڪي نمائندن واري ايوان ۾ ووٽنگ 215 جي ڀيٽ ۾ 215 ٿان برابر رهي جنهن سبب ٺهراءُ ناڪام ٿي ويو

بقايا	36	حڪم جاري

ڪچهري ۾ ايم پي اي جميل احمد سومرو، چيئرمين ضلع ڪائونسل اعجاز احمد

جي ذميواري نعمت الله خان تي پڻ آهي ۽ حساب ڪتاب جو مطالبو انهن کان ٿي ٿيڻ گهرجي سعديه جاويد چيو ته جماعت اسلامي جي بيان ۾ غير سنجيده ۽ ڪوڙ تي ٻڌل سياست واضح ٿي وئي آهي ۽ اهي پنهنجي دور جون ڪارروائيون پيپلز پارٽي تي وجهي ڏيڻ چاهين ٿا.

بقايا	44	زخمي

۽ ڊمپر ۾ زوردار ٽڪر ٿي ويو حادثي جي نتيجي ۾ حيدرآباد جي انبس ڀهاڙي علائقي واري علائقي جا رهواسي هڪ ئي خاندان جا 6 ڄڻا فوت ٿي ويا آهن واقعي جي اطلاع تي پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمون پهچي ويون

آفيس آف دي ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پراونشل بلڊنگس ڊويزن نمبر. I، ڪراچي

سنڌ سيڪريٽريٽ A_4، بيرڪ نمبر. 18، ڪورٽ روڊ، ڪراچي

No. TC/G-55/PBD-I/2025-26/1076 Dated: 22-01-2026

مهربند ٽينڊرن گهرائڻ جو نوٽيس

E-پروڪيورمينٽ هيٺين ڪمن واسطي ايس پي پي آر اي رولز 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) تحت سمورن دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن کان اِي-واڪ ذريعي نئين طريقي EPADS سنگل اسٽيج ٽو اينوليپ طريقيڪار تي مهربند واڪ گهرائي ٿي.

Sr	ڪم جو نالو	PEC ڪيٽيگري	ڪٿيل لاڳت	تڪميل لاءِ ڏنل مدو	واڪ ڪاغذن جي قيمت
1.	وزيراعليٰ سيڪريٽريٽ لاءِ نئين عمارت جي تعمير (ADP No. 2811 FY 2025-26)، جنهن ۾ HVAC (VRF)، لفٽس، جنريٽرز، BMS، PAS، FAS، وائيس ڊيٽا، CCTV، سوئچ گيئر، IT ۽ ٻيا سول ورڪ شامل.	C-1 يا متي	اڳ اڳهه	12 مهينا	3000

ٽينڊرن جو اجراءُ/ وصولي ۽ کولڻ لاءِ پروگرام

سيريل نمبر	تفصيل	پهريون پيرو	ٻيون پيرو (موٽ نہ ملڻ جي صورت ۾)
01	درخواست جي وصولي جي آخري تاريخ ۽ اخبارن ۾ اين آءِ ٽي جي اشاعت ڪانپوءِ ٽينڊرن جو اجراءُ (هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس مان ڪنهن بہ ڪم ڪار واري ڏينهن آفيس ڪلاڪن دوران).	28-01-2026	16-02-2026
02	ٽينڊر صبح 9:30 وڳي وصول ڪيا ۽ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ ساڳئي ڏينهن تي صبح 10:00 وڳي کوليا ويندا.	13-02-2026	04-03-2026

شرط ۽ ضابطا:

1. ڪانٽريڪٽ جا دستاويز ۽ ٻيا شرط ۽ ضابطا ڏسي سگهجن ٿا ۽ خالي ٽينڊر جاري ڪري سگهجن ٿا يا SPPRA جي سرڪاري ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا. ٽينڊر جي فيس جي رقم 3000 رپيا آهي ۽ واڪ سيڪيورٽي 01 سيڪڙو ڪال ڊپازٽ يا پي آرڊر يا ڊيماند ڊرافٽ جي صورت ۾ يا بينڪ گارنٽي جي طور تي بينڪ آف پاڪستان طرفان جاري ڪيل ايگزيڪيوٽو انجنيئر، پراونشل بلڊنگس ڊويزن-I، ڪراچي جي حق ۾ فنانشل واڪ/ٽينڊرن سان شامل هجڻ گهرجي. ٻي صورت ۾، اهڙي قسم جا ٽينڊر قبول نہ ڪيا ويندا.
2. ٽينڊر مهربند لفافي ۾ هٿ سان يا رجسٽرڊ ٽپال ذريعي جمع ڪرايو ويندو: آفيس ايگزيڪيوٽو انجنيئر، پراونشل بلڊنگس ڊويزن نمبر I، ڪراچي، بيرڪ نمبر 18، بلاڪ A-4، سنڌ سيڪريٽريٽ، ڪورٽ روڊ، صدر ڪراچي.
3. واڪ جو ڪارگر مدو: 90 ڏينهن.
4. پروڪيورمينٽ اٿارٽي SPPRA ضابطن 2010 (هيستائين ترميم ٿيل) جي مطابق ڪنهن بہ يا سڀني ٽينڊر کي رد ڪرڻ جو پورو حق محفوظ رکي ٿي.
5. 500 رپيا جي اصل اسٽيمپ پيپر تي معاهدو جنهن ۾ شامل آهي(لازمي).
   - فرم سرڪاري ۽ پرائيويٽ کاتن ۾ ڪنهن بہ ڪم جي مڪمل ٿيڻ ۾ ڊپارٽمينٽل تڪرار، ڇڏيل يا غير ضروري دير ۾ ملوث ناهي.
   - ٺيڪيدار/ ڪمپنيون/ فرم في الحال ڪنهن ايگزيڪيوٽو ايجنسي طرفان بليڪ لسٽ ڪيل سپلائرز جي لسٽ تي نہ آهن.
   - مقدمن جي فهرست (جيڪڏهن ڪو بہ هجي) انهن جي نوعيت ۽ حيثيت/ نتيجا.
   - حلف نامو تہ سمورا دستاويز/ تفصيل/ ڄاڻ صحيح ۽ درست آهي.

قابليت جو معيار:

a. حڪومت سان ساڳي نوعيت جي ڪمن ۾ 05 سال تجربو (ضروري).
b. گذريل ٽن سالن واسطي مالي سال جي گهٽ ۾ گهٽ 1800 ايم يا ان کان مٿي جو ٽرن اوور ساڻ آڊٽ رپورٽ ۽ اها ايف بي آر سان ملندڙ هئڻ گهرجي. (ضروري).
c. انڪم ٽيڪس، سيلز ٽيڪس، سنڌ روينيو بورڊ ايس آر بي سان رجسٽريشن ۽ ٽن مهينن جا سمورا گوشوارا (ضروري).
d. PEC پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل سان واسطيدار شعبي جي ورڪ آف اسپيشلائيزيشن ۾ (ڪئٽيگري C-1 يا ان کان مٿي) سان رجسٽريشن ۽ اسپيشلائيزيشن ڪوڊز CE-09, CE-10, ME-01, ME-02, ME03, ME04, EE01, EE02, EE03, EE04, EE06, EE07, EE08 & EE09 (ضروري).
e. ڪارگر اليڪٽريڪل لائسنس (ڪراچي ريجن)
f. فرم سان ڪم ڪندڙ انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنيڪل عملي جي بايوڊيٽا ساڻ تصديق ٿيل سي وي ۽ سندن انڪم ٽيڪس ڊيڊڪشن ڏيکاريندڙ فرم سان ملازمت (گذريل 06 مهينا). سول ۽ اليڪٽريڪل ، اليڪٽرانڪس ۽ مڪينڪل انجنيئر ايمپلائمينٽ فرم سان گڏوگڏ PEC لائسنس ۾ ڏيکاريل (ضروري).
g. گذريل 03 سالن ۾ ملندڙ ڪمن جي ليٽر جي ڪاپي ۽ هرهڪ ڪم جي لاڳت ڏيکاريندڙ ڪمن جي فهرست ساڻ ساڳي نوعيت جا گهٽ ۾ گهٽ 1000 (ايم) يا ان کان مٿي پروجيڪٽس (ريڊ زون) (ضروري).
h. پروجيڪٽ لاءِ دستياب مشينري ۽ ايڪيوپمينٽ جي فهرست ساڻ ان جي مالڪي/ مسواڙ تي/ ليز تي ورتل جا دستاويزي ثبوت.
i. گذريل 03 مهينن جي بئنڪ اسٽيٽمينٽ (ضروري) .
j. ٽينڊر واڪ رقم جو 10 سيڪڙو رکندڙ بئنڪ ۾ لازمي ڏيکاريل هجي. (ضروري)
k. شرطيہ ۽ اڻپورا ٽينڊر رد ڪيا ويندا.
l. واڪ ڏيندڙ پاران واڪ ڪاغذن جو هر هڪ صفحو ۽ فرم جي پروفائل تي نمبر لڳل هجي، سائن ٿيل ۽ مهر لڳل هجي.
m. پروجيڪٽ بابت ڪابہ معلومات هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس مان آفيس وقت دوران حاصل ڪري سگهجي ٿي.
n. ڇاٽايل تاريخ تي سرڪار پاران عام موڪل جو اعلان ڪرڻ جي صورت ۾ ٽينڊر ورندڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي اماڻيا/ کوليا ويندا. جيئن ايس پي پي آر اي 2010 (هيستائين ترميم ٿيل) جي رول-(b) 41 سان مطابقت ۾ شيڊيول موجب آهي.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پراونشل بلڊنگس ڊويزن نمبر.I
ڪراچي

INF-KRY.NO.0262/2026

I WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل
غزا امن بورڊ فلسطينين جي ڏک جو ازالو ثابت ٿي سگهندو؟ صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر
اڄ علم جي ميدان جو فاتح ئي دنيا تي حڪمراني ڪندو! صفحو 4

اڄي ته ايئن ڪونه هو... ڊاڪٽر رضا چانڊيو صفحو 4

مختيار اڄوڪو ڏينهن - 24 جنوري صفحو 4

مٽياري جي ڊي سي پاران سردار محمد علي شاهه گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج جو دورو

انتظاميه پاران ڊي سي کي انفراسٽرڪچر جي مرمت، ڪاليج جي چوديواري جي فوري ضرورت بابت آگاهي

شاگردياڻين لاءِ محفوظ ۽ پروفيشنل ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ انتهائي ضروري آهي: ڊپٽي ڪمشنر محمد يوسف شيخ

هي نياڻيون منهنجي پنهنجي ڌيئرن وانگر آهن. تعليمي ادارن جي حدن اندر سندن سيڪيورٽي ۽ سهولت تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو



مٽياري: ڊي سي پاران سردار محمد علي شاهه گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج جو دورو ڪيو پيو وڃي

مٽياري(ڊ ر) نياڻين جي تعليم ۽ ڪيمپس جي سيڪيورٽي کي اوليت ڏيندي، ڊپٽي ڪمشنر (ڊي سي) مٽياري پاران سردار محمد علي شاهه گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج مٽياري جو سرڪاري دورو ڪيو ويو. دوري دوران ڪاليج جي پرنسپال پروفيسر ياسمين شر ۽ پروفيسر ذڪيه ٽالپر ڊپٽي ڪمشنر سان گڏ هيون. انتظاميا پاران ڊپٽي ڪمشنر کي انفراسٽرڪچر جي مرمت، خاص طور تي ڪاليج جي چوديواري (باؤنڊري وال) جي فوري ضرورت بابت آگاهي ڏني وئي، جيڪا شاگردياڻين لاءِ محفوظ ۽ پروفيشنل ماحول فراهم ڪرڻ لاءِ انتهائي ضروري آهي. فوري حڪمن جو جاري ٿيڻ شاگردياڻين جي ڀلائي لاءِ پنهنجي خلوص جو اظهار ڪندي، ڊپٽي ڪمشنر اُن ڳالهه تي زور ڏنو ته نياڻين جو تحفظ ۽ پرائيويسي سڀ کان پهرين آهي. هن چيو ته: هي نياڻيون منهنجون پنهنجي ڌيئرن وانگر آهن. تعليمي ادارن جي حدن اندر سندن سيڪيورٽي ۽ سهولت تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو." ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل کاتن کي موقعي تي ئي حڪم جاري ڪيا ته اڄ ئي باؤنڊري وال جي اڏاوت ۽ مرمت جو ڪم شروع ڪيو وڃي. هن وڌيڪ چيو ته مٽياري جي ڌيئرن کي محفوظ ماحول فراهم ڪرڻ ۾ هاڻي وڌيڪ دير نه ٿيڻ گهرجي. ڪاليج انتظاميا پاران واڪاڻ: پرنسپال پروفيسر ياسمين شر ۽ پروفيسر ذڪيه ٽالپر پاران ڊپٽي ڪمشنر جي تڪڙي عمل ۽ همدردانه رويي تي سندس شڪريو ادا ڪيو ويو. هن تڪڙي قدم کي ڪاليج جي عملي، شاگردياڻين ۽ والدين پاران پڻ ساراهيو ويو آهي، جيڪو ضلعي ۾ تعليمي سهولتن جي بهتري لاءِ هڪ مثبت قدم آهي.



سڳيون: واپاري جي فراڊ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

سڳيون ۾ واپاري جي فراڊ خلاف احتجاج

واپاري محسن علي قريشي جي ناجائزين خلاف شهرين احتجاج ڪيو

محسن قريشي 1 لک 50 هزار جو چيڪ ڏيڻ بعد پاس نه پيو ڪرائي: مظاهرين

ٽنڊوڄام ويجهو وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻيل نينگر کي انصاف نه ملڻ، وارثن جو احتجاج

نينگر مراد علي شاهه تي تشدد جي وڊيو وائرل ڪرڻ واري معاملي تي ڪابه ڪاروائي نه ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو

منهنجي پٽ کي شديد تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد تشدد جي وڊيو وائرل ڪرڻ باوجود پوليس ڪابه ڪارروائي نه پئي ڪري: والد

جوابدارن کي فورن گرفتار ڪري متاثر نينگر کي انصاف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ حيدرآباد ميرپورخاص روڊ تي ڌرڻو هنيو ويندو



ٽنڊوڄام: وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻيل نينگر کي انصاف نه ملڻ خلاف وارث احتجاج ڪندي

ٽنڊوڄام(ڪ ر) ٽنڊوڄام ويجهو وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻيل نينگر کي انصاف نه ملڻ وارثن سياسي سماجي اڳواڻن جو احتجاج. خبر موجب ٽنڊوڄام ويجهو ڪيساڻه موري وٽ بدمست نوجوانن نينگر مراد علي شاهه کي سخت تشدد جو نشانو بڻائڻ ۽ تشدد جي وڊيو وائرل ڪرڻ واري معاملي تي ڪابه ڪاروائي نه ٿيڻ خلاف نينگر جي وارثن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن نينگر جي والد ارباب شاهه، مولانا ارشاد علي فائزي، حسن شاهه ڪاظمي جي اڳواڻي ۾ ٽنڊوڄام پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. انهي موقعي تي نينگر جي والد ارباب شاهه صحافين آڏو دانهيندي چيو ته پوليس بااثر جوابدارن جي پٺ ڀرائي ڪري رهي آهي. منهنجي پٽ کي شديد تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد تشدد جي وڊيو وائرل ڪرڻ باوجود پوليس ڪابه ڪارروائي نه پئي ڪري. هن چيو ته بااثر نوجوان اڃا به ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. جڏهن ته انهي موقعي تي وارثن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن گهر ڪئي ته انسانيت کي لڄائيندڙ جوابدارن کي فورن گرفتار ڪري متاثر نينگر کي انصاف فراهم ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ حيدرآباد ميرپورخاص روڊ تي ڌرڻو هنيو ويندو.

پينشن ڏيو: قاسم آباد تعلقي ميونسپل ڪميٽي جي رٽائر ملازمن جو احتجاج جاري

ايڇ ايم سي پاران 2 مهينن کان پينشن روڪڻ خلاف رحيم بخش سولنگي جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

سال 2023 کان ايڇ ايم سي تعلقي ميونسپل ڪميٽي جي رٽائر ملازمن جو رڪارڊ پاڻ وٽ گهرائي پينشن جي ادائيگي شروع ڪئي: مظاهرين

گذريل 2 مهينن کان بغير سبب ٻڌائڻ جي پينشن روڪي وئي آهي جنهن سبب 300 کان وڌيڪ رٽائر ملازم سخت پريشان ٿي ويا آهن

لياقت يونيورسٽي اسپتال حيدرآباد ۽ ڄامشورو ۾ داخلائن جي عمل کي شفاف بڻائڻ لاءِ اهم قدم

امتحاني پرچن جي جانچ ٿين ڌر (ٿرڊ پارٽي) ذريعي ڪرائڻ ۽ فيس جي ادائيگي لاءِ نامزد بينڪ چالان کي لازمي قرار

قدمن جو بنيادي مقصد صوابديدي اختيارن جو خاتمو، شفافيت کي هٿي ڏيڻ ۽ داخلائن جي نظام کي مضبوط بڻائڻ آهي: انتظاميه

سڀني نون قاعدن ۽ ضابطن تي سختي سان عملدرآمد ڪيو ويندو ۽ داخلائن جي عمل تي عوام جو اعتماد مڪمل طور بحال ڪيو ويندو

سڳيون ۾ يونين ڪائونسل انتظاميه جي نااهلي سبب گندگي

هر مهيني اينڊڙ پارنهن لک 1200000 بجيٽ انتظاميا هڙپ ڪرڻ لڳي

انتظاميه جي نااهلي سبب شهر مڪمل گندگي جي ور چڙهيل، شهري عذاب ۾ مبتلا

مٺي ۾ ڊي سي جي هدايت تي اسسٽنٽ ڪمشنرز جا دورا

مارڪيٽن جا دورا ڪري روز مره جي استعمال ٿيندڙ شين جي اگهن بابت معلومات ورتي

عوام کي مناسب اگهن تي شيون ڏنيون وڃن، وڌيڪ اگهه نه ورتا وڃن: اسسٽنٽ ڪمشنر

ملاڪاتيار لڳ ڪارخاني ۾ ڏهاڙي فوت ٿيل پورهيت جي وارثن جي مالڪن پرگهور نه لڌي

سيٺ موهن لال جي ڪارخاني ۾ پورهيت منظور سولنگي مزدوري دوران پورين هيٺان ڏهاڙي فوت ٿي ويو

فوتي پورهيت منظور سولنگي جو والد نابين ۽ يتيم ٻار هجڻ باوجود سيٺ موهن لال همدردي لاءِ به لڙي نه آيو

سيٺ موهن جو رويو انتهائي ڏکوئيندڙ آهي، نڌي تي نه ويو آهي نه متاثر خاندان سان ڏي وٺ نه ڪرڻ ٻوري: غلام مصطفيٰ سولنگي

گولاڙچي ۾ سبزي مارڪيٽ اندر حد دخلين خلاف آپريشن

گٽر نالن تي قائم حد دخلين خلاف انتظاميا پاران آپريشن ڪيو ويو

دڪانن جي اڳيان لڳل لوهه جا ڇپرا، پڪا نڪا ۽ غيرقانوني اڏاوتون ڊاهي پٽ



گولاڙچي: سبزي مارڪيٽ اندر حد دخلين خلاف آپريشن ڪيو پيو وڃي

ڪراچي ۾ دڪان هلائيندو آهيان، ڦر ٿي پر رقم واپس نه ٿي، انصاف ڪيو وڃي: صوپراج سنگهه

راضيديرو ۾ انتظامي نااهلي جي ڪري قبضا مافيا جو راڄ

نيو مائنر پل تائين غير قانوني قبضن جو عمل تيزي سان جاري

سڄي مين روڊ تي حددخلين ۽ قبضن جي ڪري رستو تنگ ٿي ويو



راضيديرو: انتظامي نااهلي جي سبب ٿيل غير قانوني قبضن جو ڏيک

عمرڪوٽ جي سرڪاري گودامن مان ڪڻڪ غائب ڪرڻ جو انڪشاف

ٽنڊوالهيار ۾ مهردين مري تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف مظاهرو

مري اتحاد جي اڳواڻ ياسين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو

مهردين مري گولاڙچي جو شريف ۽ انسان دوست شخصيت آهي: اڳواڻ



ٽنڊوالهيار: مري اتحاد پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

گولاڙچي ۾ آل مري اتحاد پاران احتجاجي مظاهرو

سينيئر صحافي مهرالدين مري تي ڪوڙي ڪيس خلاف مظاهرو ڪيو ويو

صحافين کي پنهنجي پيشارو ذميواري نڀائڻ سبب هراسان ڪيو پيو وڃي: مظاهرين

خيرپور ۾ اڳوڻي ڊي اي او سيڪنڊري خيرپور جي مان ۾ اڃاڻو

تقريب ۾ آفيسرن، استادن ۽ شاگردن طرفان عبدالسميع پنهور کي مان ڏيڻ لاءِ تقريرون

عبدالسميع پنهور شاگرد وسيم جانوري کي بهترين تقرير تي اڃرڪ جو تحفو پڻ ڏنو

گولاڙچي جي صحافي مٺان ڪيس داخل ڪرڻ خلاف ٽنڊوڄام ۾ احتجاج

پاڪستان مري اتحاد پاران محب علي مري جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

سنڌ جي صحافين کي حق سچ لکڻ تي هميشه ڪوڙا ڪيس داخل ڪيا ويندا آهن: محب علي مري

قائد عوام يونيورسٽي نوابشاهه ۾ فوڊ فيسٽيول

منگهوپير ٽائون جي چيئرمين پاران مختلف علائقن جو دورو

پٿورو ۾ ڪڻڪ جو اٽو مهانگو ملڻ خلاف مظاهرو

اين پي سي آئي ايڇ آر پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڪڻڪ جو ريٽ 3200 روپيا مڻ ۽ اٽي جو ريٽ 5200 روپيا مڻ ملي رهيو آهي: مظاهرين



پٿورو: ڪڻڪ جو اٽو مهانگو ٿيڻ خلاف شهري احتجاجي مظاهرو ڪندي



ٽنڊوڄام: گولاڙچي جي صحافي مٺان ڪيس داخل ٿيڻ خلاف مري اتحاد پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

شهدادپور ۾ اماميه اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن پاڪستان جو مظاهرو

آمريڪي امن بورڊ ۾ پاڪستان جي شموليت خلاف مظاهرو ڪيو ويو

آمريڪا دنيا ۾ ڪڏهن به امن جو حامي نه رهيو آهي: زين العابدين

اوڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي جي حد ۾ هڪ هفتي اندر چوري جون ڪيترين ئي وارداتون

پ پ اڳواڻن پاران گل پلازه سانحي تي ڏک جو اظهار

گل پلازه سانحي تي هر دل ڏکاري آهي: لڪي محمد رند

عوام جا ڏڪاريل عنصر دل ڏڏيندڙ سانحي تي به پنهنجي سياست پيا چمڪائين

هي وقت سياست نه ڏک ونڊڻ ۽ ذميواري جو مظاهرو ڪرڻ جو آهي: علي حسن رند



حيدرآباد: پ پ اڳواڻ رئيس لڪي محمد رند ۽ علي حسن رند

گهرو کاتي جو پارلياماني سيڪريٽري مخدوم فخرالزمان عثمان شاهه هڙي پهتو

عاقلاڻي برادري جي نيڪ مرد علي نواز عاقلاڻي سان والد جي وفات تي تعزيت ڪئي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلپلار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

ڇنڇر 24 جنوري 2026ع

غزا امن بورڊ فلسطينين جي ڏکن جو ازالو ثابت ٿي سگهندو؟

تازي پيش رفت جنهن تحت آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ طرفان ’غزا امن بورڊ‘ جو باضابطا اعلان ڪيو ويو ۽ پاڪستان سميت ڪيترن ئي ملڪن ان معاهدي تي صحيحون ڪيون، عالمي سياست ۾ هڪ اهم موڙ طور ڏٺي پئي وڃي. سوئٽزرلينڊ جي شهر ڊيووس ۾ ٿيل هيءَ تقريب صرف هڪ سفارتي اجتماع نه هئي پر اها دنيا جي انهن ڪوششن جو اظهار هئي، جيڪي غزا جهڙي زخمي خطي ۾ جنگ بدران امن، تباهي بدران تعمير ۽ مايوسي بدران اميد آڻڻ لاءِ ڪيون پيون وڃن. غزا گذريل ڪيترن ئي مهينن کان انساني الميي جي علامت بڻيل آهي، هزارين بيگناهه شهري مارجي چڪا آهن، لکين بي گهر ٿيا آهن، جڏهن ته بنيادي انساني سهولتون تقريبن ختم ٿي چڪيون آهن. اهڙي صورتحال ۾ غزا امن بورڊ جو قيام هڪ اهڙو قدم آهي، جنهن مان گهٽ ۾ گهٽ اها اميد پيدا ٿئي ٿي ته عالمي برادري هاڻي رڳو بيانن تائين محدود رهڻ بدران ڪنهن گڏيل فريم ورڪ هيٺ عملي اڳڀرائي ڪرڻ چاهي ٿي. صدر ٽرمپ پنهنجي خطاب ۾ اها دعويٰ ڪئي ته هن اٺ جنگيون روڪرايون آهن ۽ پاڪستان ۽ ڀارت جهڙين ايٽمي طاقتن وچ ۾ تڪرار به گهٽايو آهي، ڀلي انهن دعوائن تي اختلاف موجود هجي پر اها حقيقت آهي ته آمريڪا اڃا تائين عالمي سياست ۾ اثرائتو ڪردار رکي ٿو. غزا امن بورڊ ۾ گڏيل قومن ۽ ٻين ملڪن سان گڏجي ڪم ڪرڻ جو اعلان، جيڪڏهن واقعي عمل ۾ آيو ته اهو هڪ مثبت اشارو ٿي سگهي ٿو. خاص طور تي ٽرمپ جو اهو بيان ته جيڪڏهن غزا ۾ امن ڪامياب ٿيو ته ان ماڊل کي ٻين علائقن تائين وڌايو ويندو، هڪ وڏي سفارتي سوچ ڏانهن اشارو ڪري ٿو.

پاڪستان جو هن بورڊ ۾ شامل ٿيڻ خاص اهميت رکي ٿو. وزيراعظم شهباز شريف طرفان معاهدي تي صحيحون ڪرڻ ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار جو اهو واضح موقف ته پاڪستان جو مقصد مڪمل جنگ بندي، انساني امداد ۽ غزا جي تعمير نو آهي، پاڪستان جي اصولي پرڏيهي پاليسيءَ کي اجاگر ڪري ٿو. پاڪستان هميشه فلسطين جي مسئلي تي واضح، اخلاقي ۽ قانوني موقف اختيار ڪيو آهي. اهڙي عالمي فورم تي پاڪستان جي موجودگي نه صرف فلسطيني عوام جي حمايت جو اظهار آهي، پر اها مسلم دنيا ۽ ترقي پذير ملڪن جي گڏيل آواز کي به مضبوط ڪري ٿي. هن امن بورڊ ۾ چين، روس، ترڪي، سعودي عرب، قطر، اردن، انڊونيشيا ۽ ٻين ملڪن جي شموليت ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته غزا جو مسئلو هاڻي رڳو علائقائي نه رهيو آهي، پر هڪ عالمي انساني مسئلو بڻجي چڪو آهي. خاص طور تي روسي صدر ولاديمير پيوٽن، چين ۽ ٻين وڏين طاقتن جي دلچسپي اهو ظاهر ڪري ٿي ته مستقبل ۾ هن بورڊ جي فيصلا سازي آمريڪا تائين محدود نه رهندي، جيڪا هڪ متوازن عالمي حڪمت عملي لاءِ ضروري آهي. ٻئي پاسي، ڪينيڊين وزيراعظم جو هڪ ارب ڊالر ڏيڻ کان انڪار ۽ ڪجهه مغربي ملڪن جي محتاط رويي مان اهو به ظاهر ٿئي ٿو ته عالمي برادري اڃا مڪمل طور تي هڪ صفحي تي ناهي، امن بورڊ جي ڪاميابي ان ڳالهه سان جڙيل هوندي ته ڇا اهو بورڊ واقعي غير جانبدار، شفاف ۽ انساني بنيادن تي فيصلا ڪري سگهي ٿو يا نه؟ جيڪڏهن هي فورم رڳو سياسي مفادن جو اوزار بڻجي ويو ته پوءِ غزا جي زخمن تي مرهم رکڻ بدران نيون مايوسيون جنم وٺنديون.

اسان هتي اهو چوڻ ضروري سمجهون ٿا ته غزا امن بورڊ هڪ موقعو آهي، آزمائش به ۽ ذميواري به. پاڪستان جهڙن ملڪن تي اها ذميواري وڌي وڃي ٿي ته اهي رڳو دستخطن تائين محدود نه رهن، پر عملي سطح تي انساني امداد، سفارتي دٻاءُ ۽ تعمير نو جي ڪوشش کي اڳتي وڌائين. ساڳي وقت عالمي طاقتن کي به اهو سمجهڻو پوندو ته امن بمباري، پابندين ۽ ٻٽين پاليسين سان نه، پر انصاف، ڳالهه ٻولهه ۽ بين الاقوامي قانون جي احترام سان ممڪن آهي. بهرحال، غزا امن بورڊ جيڪڏهن سچ پچ جنگ بندي ڪرائي، انساني امداد جا رستا کولي ۽ فلسطيني عوام کي باعزت زندگي ڏانهن واپس آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيو ته اهو جديد تاريخ جو هڪ اهم سفارتي قدم هوندو، ٻي صورت ۾ اهو به ڪيترن ئي ناڪام عالمي فورمن جي فهرست ۾ شامل ٿي ويندو. هاڻي بال دنيا جي اڳواڻن جي ڪورٽ ۾ آهي ۽ تاريخ سندن فيصلن جو حساب ضرور وٺندي.

اڳي ته ايئن ڪونه هو...



ڊاڪٽر رضا چانڊيو

(حصو ٽيون ۽ آخري)

هاڻ ته هر گهر ۾ الڳ الڳ سيني جا ڪمرا ٿي پيا آهن. گهر ۾ به هرڪو هاڻ اڪيلو رهي ٿو موبائيل جي نشي ۾ سڀ ايترو ته مست الست ٿي ويا آهن جو گهر جا پاتي گڏ هوندي به گڏ ڪونهن. ڪنهن جي ڪنهن کي نه پرواهه آهي، نه وري خبر ته هڪبئي جي اون وري کهڙي رکندا؟ اڄان به جن گهرن ۾ سندن پيءُ پوڙهو يا ماءُ حال حيات آهن، اتي وري به ماحول گهر جهڙو آهي. اولاد صالح ۽ چوڻ ۾ آهي ته ڏينهون ڏينهن انسان خود غرض ۽ اڪيلو ٿيندو پيو وڃي. ويچا وڃندا پيا وڃن. اڳي ايئن ته ڪون هو اڄڪلهه هرڪو تڪڙو آهي. شارٽ ڪٽ جي تلاش ۾ آهي ته ڏينهن ٻن ۾ ڪيئن امير ٿيان؟؟

ڪيس هئي کي ٻڌڻ جو ٽائيم ناهي. اڄ ڪلهه اڪثر سيني نوجوانن کي پيسن ڪمائڻ جو جنون آهي ۽ ان کي ئي هو پنهنجي ترقي ۽ سڀ ڪجهه سمجهن ٿا. سبب ته ٻيا به ڪيئن ئي سگهن ٿا پر موبائيل فون ۽ انٽرنيٽ جي غلط استعمال، دنيا جا ڪم ٿي لاهي ڇڏيا آهن. ويجهن عزيزن کان پوءِ زندگيءَ ۾ انمول ۽ اهميت وارو ۽ خلوص وارو رشتو دوستيءَ جو آهي. دوست ٿي ته هوندا آهن جن سان دل جي هر ڳالهه ڪري سگهبي آهي. دل جو بار هلڪو ٿي پوندو آهي. مون ڪئين پيرا چيو آهي ته دوست زندگي آهن. انهن جو قدر ڪريو سچي ڳالهه آ ته مان انتهائي خوشنصيب آهيان جو مونکي دوست اهڙا پيارا مليا آهن. جيڪي ڏک ۾ ٽڪي روئڻ ٿا، ٽڪي ڪٽي ڪرڻ ٿا ڏين. دل جي ٽوٽي ٽنپ. آسرو اميد ۽ ڀروسي جي ڪري مان جهڙوڪر هر وقت هجوم ۾ رهندو آهيان. ڪڏهن به اڪيلو ناهيان ٿيو. دوستن جو پيار ئي اهڙو آهي جو هو مونکي پوڙهو ٿيڻ به نٿا ڏين. 10 جنوري ڇنڇر ڏهاڙي محترم ڊاڪٽر ولي محمد راهمون صاحب جن مونکي ”دوستيءَ جو بحران“ جي عنوان سان هارورڊ بزنس ريويو ۾ شايع ٿيل هڪ مضمون (اردو) ۾ موڪليو. جيڪو پڙهي مان ته دنگ رهجي ويس. هاڻ ماڻهو اڪيلو رهڻ پسند ڪري ٿو. دوست به ضروري نٿو سمجهي، مضمون ۾ تجزيو هن طرح ٿيل آهي: دوستيءَ جو بحران: سڄي دنيا ۾ دوستين ۾ تيزي سان گهٽتائي يا ڪمي واقع ٿي رهي آهي. 1990ع کان وٺي اڄ تائين آمريڪا ۾ ايئن چوڻ وارن تعداد ته ”منهنجو ڪوبه ويجهو دوست ناهي“ جي تعداد 4 پيرا وڌي 12 سيڪڙو ٿي وئي آهي. انهيءَ دوران اهڙا ماڻهو جن جا 10 يا ان کان وڌيڪ دوست هئا، ان ۾ به ٽيون حصو گهٽتائي واقع ٿي آهي. پنهنجي ملڪ جي خاص ڪري شهري علائقن ۾ به اها ساڳي صورتحال ڏسڻ ۾ اچي پئي. جاڻ سڃاڻ ۾ ته ڪٿي واڌارو ڏسڻ ۾ اچي پيو پر سچي دوستي ڏينهون ڏينهن گهٽجندي ٿي وڃي. اڳ ۾ ايئن هوندو هو ته ماڻهو ڪيڏي، ڪلبن يا مختلف تقريبن ۾ اڻ سڃاڻ يا اجنبي ماڻهن سان به ڳالهائيندا ٻولهائيندا هئا پر اڄڪلهه هجوم ۾ به هو اڪيلا رهن ٿا. آمريڪا ۾ پوين ٻن سالن ۾ اڪيلي سِر ڪاڏو ڪائڻ وارن جي تعداد ۾ 29 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي. اسٽينفورڊ يونيورسٽيءَ وارن ته باقائده دوستيءَ تي هڪ ڪورس به شروع ڪري ڇڏيو آهي. جو ته اهو صرف سماجي مسئلو ناهي پر گڏوگڏ ثقافتي مسئلو پڻ آهي. اڄڪلهه دوستيءَ لاءِ ٽائيم ڪڍڻ رڳو تفريح ۽ مزو نه پر وقت جي گهرج يا ضرورت ٿي پئي آهي. اڪيلو يا تنها رهڻ جي اڄڪلهه اسان ۾ عادت ٿيندي پئي وڃي. جيڪڏهن اسان دوستيءَ جو قدر نه ڪيو ته نوان دوست ته وڃائيندا سين پر پراڻا رشتا به اسان کان ڇڄي ويندا. تحقيق ٻڌائي ٿي ته: اڪيلائيءَ سان دل جون بيماريون، ڊمنشا، وقت کان اڳ حياتيءَ کي خطرو وڌي وڃي ٿو تنها رهڻ سان زندگيءَ کي ايترو نقصان رسي ٿو جيترو 15 سگريٽ هڪ ڏينهن ۾ پيئڻ سان نقصان رسندو آهي. دوستي ذهني، جسماني ۽ جذباتي صحت لاءِ اشد ضروري آهي. هارورڊ وارن جي 8 سالن جي تحقيق مطابق حقيقي خوشي ۽ صحت جي ڪنجي ويجها تعلقات آهن. دولت ڪمائي سگهجي ٿي، حيثيت بدلجي سگهجي ٿي پر سچو دوست اهو آهي، جيڪو هر حال ۾ ساٿ ڏئي ٿو. دوستي اهڙي دولت آهي، جيڪا ڪڏهن به ختم ناهي ٿيندي. اها رڳي جاڻ سڃاڻ تائين محدود ناهي هوندي. دوستن کي اهميت ڏيو. ڇاڪاڻ ته سٺا دوست زندگيءَ جو سرمايو هوندا آهن. دوستن کي مان ڏيو. انهن لاءِ وقت ڪيو. درگزر ڪريو ۽ زندگيءَ کي يادگار بڻايو. سچن دوستن سان زندگي اڄان به وڌيڪ حسين ۽ خوبصورت بڻجي وڃي ٿي. هي بي يقيني، افراتفري، عدم تحفظ، ناانصافي، بي صبري، ناشڪري، ظلم، بي رحمي، دهشت، ڊپ ۽ خوف جو دور آهي. انسانيت ۽ اخلاقي قدرن جي ڪنهن کي به پرواهه ڪانهي. حلال حرام جي تميز بنا پئسو ڊالر جي پويان ماڻهن جي پڇ پڇاڻ آهي. انسان جو قدر قيمت هاڻ مارڪيٽ ۾ ڪري پيو آهي. اڄوڪي دور ۾ عزت ڪان مٿي پئسو اچي ويو آهي. اڳي

آمريڪا جي فضائن مان

ڊيووس ۾ عالمي طاقت جو نئون توازن ۽ پاڪستان جو مستقبل!



راجا زاهد اختر خانزاده

اڄ دنيا هڪ اهڙي ميز جي چوڌاري گڏ ٿي ويٺي آهي، جتي لفظن جي پليٽن ۾ امن رکيل آهي، پر انهيءَ پليٽ جي هيٺان طاقت جو ڇرو به لڪل آهي. ڊيووس جي برف سان ڍڪيل جبلن ۾ ٿيندڙ ورلڊ اڪنامڪ فورم ظاهري طور عالمي سهڪار، ڳالهه ٻولهه ۽ گڏيل مستقبل جي علامت هو، پر هن سال اهو فورم هڪ ٻي حقيقت کي بي نقاب ڪري ويو ته عالمي نظام هاڻي اعتماد جي آسري تي نه، پر دٻاءُ، مفاد ۽ طاقت جي توازن تي هلي رهيو آهي.

صدر ڊونلڊ ٽرمپ جڏهن ڊيووس مان روانو ٿيندي چيو ته هي هڪ ناقابلِ يقين وقت هو ته اهو جملو يورپ جي ڪيترن ئي راڄڌانين ۾ خوشيءَ بدران خطري جي گهنٽي سمجهيو ويو ڇاڪاڻ ته انهن لاءِ اهو وقت ڪنهن جشن جو نه، پر ان لمحي جو اعلان هو، جتي پراڻن اتحادن جي بنياد، يعني اعتماد، ۾ ڏار پئجي چڪو هو.

گرين لينڊ جو معاملو انهيءَ ڏار جي سڀ کان نمايان علامت بڻجي سامهون آيو. شروعات ۾ بيان ملڪيت جي لهجي ۾ آيو، پوءِ فوجي موجودگيءَ جي نالي تي، پوءِ معاشي دٻاءُ ۽ ٽيرف جي ڌمڪين جي ڇانو ۾، ۽ پوءِ ڪجهه ئي ڪلاڪن اندر لهجو بدلجي مستقبل جي فريم ورڪ ڏانهن مڙي ويو. پر انهيءَ يو ٽرن دوران يورپ اها ڳالهه سمجهي ورتي ته مسئلو گرين لينڊ جو نه آهي، مسئلو اهو آهي ته هاڻي واشنگٽن پنهنجن دوستن سان به اهڙي ٻولي ۾ ڳالهائي سگهي ٿو، جهڙي ٻوليءَ ۾ اڳ مخالفن سان ڳالهائيندو هو.

ڊنمارڪ جي هڪ اعليٰ اهلڪار موجب آمريڪا کي گرين لينڊ ۾ سيڪيورٽي ۽ فوجي رسائي اڳ ئي حاصل هئي، اڏا به هئا، انتظام به هئا، معاهدا به هئا. رڳو هڪ نقطو ناقابل ڳالهه هو ته گرين لينڊ کي آمريڪا ۾ ضم نه ڪيو وڃي. ان جي باوجود جيڪو سياسي ڊرامو رچايو ويو، تنهن نيٽو جهڙي اتحاد کي اندرين بحران جي ڪناري تي اچي بيهاريو ۽ جڏهن اتحاد جي بنيادن مان اعتماد ڪمزور ٿي وڃي ته پوءِ وڏا وڏا معاهدا به ڪاغذن جا ٽڪرا لڳڻ لڳن ٿا. انهيءَ ڪري بين الاقوامي قانون جي هڪ ماهر چيو ته نقصان ٿي چڪو آهي ۽ اهو نقصان عارضي نه آهي.

ڪينيڊا جي وزيراعظم مارڪ ڪارني جن لفظن جو استعمال ڪيو اها صرف تقرير نه هئي، پر هڪ اڳڪٿي هئي ته عالمي لاڳاپن ۾ وڏي ٽوڙ ڦوڙ اچي رهي آهي. جرمن چانسلر فريڊرڪ مرز به ساڳي ڌڙڪن کي لفظ ڏنا ته گذريل ٽن ڏهاڪن جو اهو نظم، جيڪو بين الاقوامي قانون جي سهاري بيٺو هو، هاڻي لڏڻ لڳو آهي ۽ نئين دنيا طاقت، زور ۽ ضرورت پوڻ تي جبر جي اصول تي ٺهي رهي آهي ۽ اها دنيا ڪنهن لاءِ به آرامده نه آهي.

ٽرمپ جي نفسيات ۾ غير يقيني پاڻ ۾ هڪ هٿيار آهي. پهرين ڪا ڳالهه صاف نه ڪئي ويندي پوءِ چيو ويندو ته توهان ڏسندا. پوءِ تصوير يا سوشل ميڊيا پوسٽ ذريعي دٻاءُ وڌايو ويندو. پوءِ ڳالهين جي ڪڙڪي کولي ويندي ۽ انهيءَ سموري عمل دوران سامهون واري ڌر جو اعتماد ڪچي ويندو آهي. انهيءَ ڪري يورپ ۾ رستن تي احتجاج ٿيا ۽ اهڙا نعرا لڳا، جيڪي ڪنهن اتحادي لاءِ معمولي ڳالهه نه هوندا آهن. ڇاڪاڻ ته هي تڪرار هاڻي رڳو سفارتي سختي نه رهيو، پر خودمختياري ۽ وقار جو سوال بڻجي ويو.

هي ئي اهو مقام آهي، جتي اهو جملو پنهنجي پوري وزن سان سامهون اچي ٿو ته جيڪڏهن توهان ميز تي موجود نه آهيو ته ممڪن آهي ته توهان پاڻ انهيءَ ميز تي رکيل خوراڪ بڻجي وڃو. ڊيووس ۾ اهو جملو هاڻي رڳو تمثيل نه رهيو، پر اڄ جي سفارتڪاريءَ جو خلاصو بڻجي ويو. گرين لينڊ، يوڪرين، غزه ۽ ڪيترائي خطا انهيءَ سوال جي چوڌاري گهمي رهيا آهن ته فيصلا ڪير ٿو ڪري ۽ فيصلا ڪنهن بابت ڪيا وڃن ٿا. انهن حلقن ۾ صدر ٽرمپ نام نهاد بورڊ آف پيس جو اعلان ڪيو ۽ ان کي دنيا آڏو هڪ نئين فريم ورڪ طور پيش ڪيو ۽ چيو ته اهو گڏيل قومن سان گڏجي ڪم ڪندو، پر ساڳئي وقت اهو به چيو ته هي بورڊ گهڻو ڪجهه ڪري سگهي ٿو گويا حدون به اتي ئي ٺهنديون جتي طاقت وينٽي آهي. هتي ئي خدشو پيدا ٿيو ته ڪٿي هي بورڊ گڏيل قومن جي پراڻي نظام جي جاءِ وٺڻ جي ڪوشش ته نه بڻجي ويندو.

هن بورڊ جو ڍانچو پاڻ ۾ ڪيترائي سوال رکي ٿو ٽرمپ چيو ته هو ان جو پهريون چيئرمين هوندو ۽ اهو عهدو عمر ڀر به سنڌس هٿ ۾ رهي سگهي ٿو. مستقل ميمبرن مان هر هڪ کي هڪ ارب ڊالر ڏيڻا پوندا. جڏهن هاڻي اعلان سان نه پر فنڊ سان طئي ٿيندو، جيڪو ادا نه ڪندو، اهو ٻاهر ۽ جيڪو ادا ڪندو اهو اندر. اهو ئي اهو نڪتو آهي، جيڪو ننڍن ملڪن لاءِ سڀ کان وڌيڪ خطري وارو آهي، ڇاڪاڻ ته اهي اڪثر اهڙن ادارن ۾ تصويرن لاءِ شامل ٿيندا آهن پر فيصلن ۾ سندن آواز گهٽ هوندو آهي. انهيءَ سبب يورپي يونين دائري اختيار، حڪمراني ۽ گڏيل قومن جي چارٽر سان مطابقت تي ڪليل اعتراض ڪيو. برطانيه صاف لفظن ۾ چيو ته هو دستخط نه ڪندو ۽ چيو ته گهڻو ڪم باقي آهي ۽ اسان اڄ دستخط ڪندڙن مان نه هونداسين. اهو انڪار رڳو سفارتي جملو نه هو، پر ان حقيقت جو اعتراف هو ته يورپ کي هاڻي واشنگٽن سان لاڳاپن ۾ نيون حدون ڪڍيون پونديون. انهيءَ ڪري يورپ اندر معاشي جواب جو بحث به تيز ٿيو ۽ اها ڳالهه سامهون آئي ته جيڪڏهن دٻاءُ واپار ۽ ٽيرف ذريعي ايندو ته جواب به معاشي هٿيارن سان ڏئي سگهجي ٿو ۽ جيڪڏهن يورپ پنهنجي هڪ رڪن جي خودمختياريءَ جو دفاع نه ڪري سگهيو ته پوءِ هو عالمي طاقت ٿيڻ جو حق به وڃائي ويهندو.

هن سڄي تصوير ۾ روس جو ڪردار الڳ رنگ رکي ٿو. ڪريملن جي ترجمان چيو ته روس هڪ ارب ڊالر ڏيڻ لاءِ تيار آهي، پر شرط اهو آهي ته آمريڪا روس جا منجمد اثاثا کوليندو. پوءِ روسي صدر فلسطيني اٿارٽي جي صدر محمود عباس سان ڪريملن ۾ ڳالهائيندي چيو ته جيڪڏهن ٻاهرين دور ۾ منجمد ڪيل رقم آزاد ڪئي وڃي ته ان کي فلسطيني عوام ۽ غزه جي ٻيهر تعمير لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. روس اهو به چيو ته هو ان امڪان تي ٽرمپ جي ايلچي اسٽيو وٽڪوف ۽ جيرڊ ڪشنر سان به ڳالهائيندو. روسي ترجمان اهو به مڃيو ته قانوني طور اهو ڪيئن لاڳو ٿيندو، اهو اڃا واضح ناهي ۽ ان لاءِ آمريڪا کي قدم کڻڻا پوندا. اهي سڀ تفصيل هڪ ئي حقيقت ڏانهن اشارو ڪن ٿا ته روس هن بورڊ کي ٻن فائدن لاءِ ڏسي رهيو آهي، هڪ سفارتي اڪيلائپ ٽوڙڻ لاءِ، ٻيو منجمد اثاثن جي مسئلي ۾ نئون رستو کولڻ لاءِ.

هي ئي اهو مقام آهي، جتي دنيا کي سمجهڻ گهرجي ته روس جي شموليت کي ڪي ماڻهو طاقت سمجهن ٿا، پر ان کي ضرورت به چيو وڃي ٿو ڇاڪاڻ ته يوڪرين جنگ کان پوءِ روس جي معيشت ۽ سفارتڪاريءَ تي دٻاءُ وڌيو آهي ۽ اهڙا فورم روس لاءِ پاڻ کي ٻيهر لازمي ڌر بڻائڻ جو ذريعو بڻجي سگهن ٿا. انهيءَ ڪري يورپي ملڪ روس جي نالي کان به ڪيٻائين ٿا.

چين جي غير موجودگي ان جي ابتڙ هڪ خاموش پيغام آهي. چين اهڙن پليٽ فارمن ۾ شامل نه ٿيندو آهي جتي قيادت ۽ ايجنڊا هڪ طاقت جي هٿ ۾ هجي. چين ڄاڻي ٿو ته اڄ دنيا جي ٻي وڏي قوت هجڻ جو بنياد ان جي معاشي طاقت، صنعتي ڪنٽرول ۽ عالمي سپلاءِ چين سان جڙيل آهي. اهو شور کان پري رهي ڏسي رهيو آهي ته يورپ ۽ آمريڪا جي وچ ۾ اها وٿي ڪيتري ۽ ڪيستائين وڃي ٿي، ۽ انهيءَ خاموشيءَ ۾ چين پنهنجي ڏکهي راند کيڏي رهيو آهي.

غزه جي پهلوءَ هن بورڊ کي وڌيڪ پيچيده بڻائي ڇڏيو. حماس نيتن ياهو جي شموليت تي سخت ردعمل ڏنو ۽ ان کي انصاف ۽ احتساب جي اصولن جي ابتڙ قرار ڏنو ۽ چيو ته جنهن قيادت تي جنگبندي ۾ رڪاوٽ ۽ شهرين خلاف ڪارروائين جا الزام آهن ان کي امن جي ميز تي ويهارڻ هڪ خطرناڪ اشارو آهي. ساڳئي وقت رفح ڪراسنگ بابت چيو ويو ته اسرائيلي ڪابينا ايندڙ هفتي ان تي ڳالهائيندي ۽ ان کي هڪ يرغمالي جي لاش جي واپسيءَ جي ڪوشش سان ڳنڍيو ويو. ساڳئي ڏينهن فلسطيني ذريعن ٻڌايو ته اسرائيلي فائرنگ سبب وڌيڪ ماڻهو مارجي ويا ۽ سرديءَ سبب هڪ ننڍڙو ٻار فوت ٿي ويو. پوءِ آمريڪا غزه جي ڪجهه خيراتي ادارن تي پابنديون لڳايون، جن کي حماس غير منصفانه قرار ڏنو ۽ چيو ته اهي پابنديون غزه جي تڪليف وڌائينديون ۽ ان کي اسرائيلي اثر جو نتيجو سڏيو. اهي سڀ واقعا گڏ ٿي اهو ٻڌائين ٿا ته امن جي دعوائن سان گڏ زميني حقيقتون ڪيتريون بي رحم هونديون آهن.



هاڻي سوال پاڪستان جو آهي ۽ اهو ئي هن مضمون جو مرڪز آهي. پاڪستان هن بورڊ ۾ شامل ٿي پاڻ کي ميز تي موجود ثابت ڪيو آهي ۽ ان ۾ هڪ واضح فائدو آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪو ميز کان ٻاهر هوندو آهي، ان بابت فيصلا اندر ٿيندا آهن. پر پاڪستان لاءِ اها شموليت هڪ نازڪ توازن به آهي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان کي آمريڪا سان رابطو به رکڻو آهي، چين سان اسٽريٽجڪ رشتو به نڀائڻو آهي ۽ ڀارت کي سامهون رکندي پنهنجو مفاد به بچائڻو آهي.

پاڪستان لاءِ فائدي جي پهرين صورت اها ٿي سگهي ٿي ته واشنگٽن سان هڪ اضافي سفارتي چينل کلي ۽ پاڪستان معاشي سهڪار، سيڙپڪاري ۽ ڪجهه علائقائي معاملن تي سڌي ڳالهه ٻولهه کي مضبوط ڪري. ٻي صورت اها ته غزه جي معاملي ۾ پاڪستان مسلم دنيا سان گڏ هڪ پليٽ فارم تي اصولي موقف رکڻ جي ڪوشش ڪري ۽ انساني امداد ۽ فلسطيني حقن جي ڳالهه اهڙي ماحول ۾ ڪري، جتي وڏا عطيا ڏيندڙ به موجود هجن. ٽين صورت اها ته پاڪستان عالمي فورمن تي پنهنجي موجودگيءَ کي رڳو ٻڌندڙ تائين محدود نه رکي پر شريڪ ڌر بڻائي.

پر نقصان به صاف آهن. جيڪڏهن هي بورڊ گڏيل قومن جو متوازي ڍانچو بڻجي ويو ته پاڪستان تي سوال اٿندو ته هو کهڙي نظام کي مضبوط ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن هن بورڊ ۾ روس جي شموليت تڪرار بڻجي وئي ته پاڪستان کي غير ضروري بيانياتي قيمت ادا ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن فيصلا ڪجهه طاقتور هٿن ۾ رهيا ۽ پاڪستان جو ڪردار علامتي رهيو ته فائدو گهٽ ۽ خطرو وڌيڪ ٿيندو ۽ سڀ کان وڏو خطرو اهو آهي ته چين هن کي آمريڪي قيادت وارو پليٽ فارم سمجهي فاصلو وڌائي يا گهٽ ۾ گهٽ سوال اٿاري ۽ پاڪستان لاءِ توازن وڌيڪ مشڪل ٿي پوي.

ڀارت جو پاسو به هتي اهم آهي. ڀارت اهڙن معاملن ۾ عام طور فوري شموليت بدران انتظار ۽ تجزيي کي ترجيح ڏيندو آهي هو آمريڪا سان ويجهڙائپ به رکي ٿو ۽ چين سان مقابلي جي حڪمت عملي به سنڀالي ٿو ۽ روس سان روايتي لاڳاپا به مڪمل طور نه ٿو ٽوڙي. تنهن ڪري هو اهڙن ميزن تي اڪثر خاموش رهي موقعو ڏسي فيصلو ڪري ٿو ته نتيجي طور جيڪڏهن پاڪستان تمام گهڻو نمايان ٿيو ته ڀارت ان کي سفارتي بيانيي ۾ پنهنجي حق ۾ موڙڻ جي ڪوشش ڪندو ۽ جيڪڏهن پاڪستان محتاط، اصولي ۽ قانوني ٻولي ۾ پنهنجي پوزيشن برقرار رکي ته ڀارت لاءِ ان کي منفي رنگ ڏيڻ ڏکيو ٿيندو.

اڄ علم جي ميدان جو فاتح ئي دنيا تي حڪمراني ڪندو!



مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي گفتگو آئون ارسطو جي انهن لفظن سان شروع ڪري رهيو آهيان ته انقلاب ننڍين ننڍين شين بابت ناهن ايندا پر ننڍين ننڍين شين مان جنم ضرور وٺندا آهن. انهيءَ ڪري آئون عرض ڪريان ته انقلاب جي پهرين ضرورت آهي قربانيون آهن، جيڪي مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڏنيون وڃن ٿيون. انقلاب جي لفظي معنيٰ آهي تبديلي، جيڪا روايتي سماجي ۽ نظرياتي پس منظر کي مڪمل طور تي تبديل ڪري ڇڏي ۽ معاشري ۾ موجود فردن کي زندگيءَ جي هڪ نئين شڪل ڏانهن وٺي وڃي ٿي. اڄ جيڪڏهن اسان ارسطو جي انهيءَ جملي تي غور ڪريون ته ’انقلاب ننڍين ننڍين شين بابت ناهن ايندا پر ننڍين ننڍين شين مان جنم ضرور وٺندا آهن‘ ارسطو جي انهيءَ ڳالهه کي مدِنظر رکندي ڏٺو وڃي ته موجوده ايراني حالتون به انهن ننڍين ننڍين ڳالهين مان اڄ هتي پهتيون آهن. موجوده ايراني حڪومت کي درپيش هڪ سنگين مسئلو اهو آهي ته هڪ طرف ملڪ ۾ ڪا واضح قيادت موجود ناهي جنهن سان ڳالهيون ڪري حالتن تي ضابطو آندو وڃي. انهن جي نه هجڻ جي ڪري سرڪار رستن تي نڪتل ماڻهن کي منتشر ڪرڻ جي لاءِ عوام تي سڌو سنئون ايڪشن ٿي وٺي، جنهن کي دنيا جي ميڊيا ظلم سان پيٽي نوجوانن جي ذهنن کي بغاوت ڏانهن راغب ڪري رهي آهي. آئون عرض ڪريان ته ايران هڪ ڀيرو ٻيهر تاريخ جي هڪ نازڪ موڙ مان گذرندي نظر اچي رهيو آهي. اهو ساڳيو ايران جنهن 1979ع ۾ شاهه ايران جي خلاف پنهنجي عوامي انقلاب سان دنيا کي حيران ڪري ڇڏيو هو. هڪ ڀيرو ٻيهر ٻاهرين مداخلت، اندروني انتشار، عوامي بيچيني ۾ مبتلا نظر اچي رهيو آهي. ڪجهه وقت جي لاءِ حالتن ۾ ماٺ نظر اچي رهي آهي پر ڪڏهن ڪڏهن خاموشي به ڪنهن وڏي طوفان جي اڳڻ کان خبرداري جي نشاني هوندي آهي. بهرحال سوال اِهو ناهي ته ايرانين ۾ تبديلي جي خواهش موجود آهي يا نه، اصل سوال اِهو آهي ته ڇا هيءَ صورتحال هئي انقلاب جي صورت اختيار ڪري سگهي ٿي؟ منهنجو جواب آهي بلڪل ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن صاحبانِ اقتدار جي طرفان دور انديشي نه ڏيکاري وئي، ڪي فيصلا عوام جي ضرورتن کي پورو ڪرڻ جي مد ۾ نه ڪيا ويا ته وقت وڏو انقلابي آهي. ياد رکو منهنجا نوجوانو! اڄ ايراني صاحبانِ حيثيت جي اصل دور انديشي انهيءَ ۾ آهي ته هُو پنهنجون سموريون توانائيون عوام جي بغاوت جي تسلسل ۽ پکڙجڻ کي ڏاڍ وسيلي روڪڻ بدران، عوامي مسئلن کي سمجهن ۽ انهن لاءِ وقتائتا فيصلا ڪن. اها ئي روش سندن ڪامياب حڪمتِ عملي آهي. هن تحريڪ کي ختم ڪرڻ جي لاءِ مزدورن، پورهيت، پينشنرز سرڪاري ملازمن، دانشورن ۽ وچولي طبقي جي محبِ وطن ۽ ٻين طبقن جي سڌي ۽ وسيع شرڪت کي روڪڻ جي لاءِ هنن جا جائز مطالبات تسليم ڪرڻ ضروري آهن. يعني ٻين لفظن ۾ ائين چوان ته هن تحريڪ کي ڪمزور بنائڻ جي لاءِ حالتن کي سمجهڻ ضروري آهي، نه ڪي وهندڙ پاڻي جي سامهون ترڻ. ڇاڪاڻ ته ايراني حڪومت کي سيني ترقي پسند قوتن سان گڏجي عملي اتحاد ۽ ايڪتا جي ذريعي ئي هڪ ئي وقت ۾ ٻاهرين آمرانه مزاج رکندڙ خطرن کي منهن ڏيڻو آهي. تهران جي مرڪزي بازار ۾ احتجاجن ۽ هڙتالن سان شروع ٿيندڙ عوامي احتجاجي تحريڪ گذريل ڏينهن ۾ ايران جي ڪافي شهرن ۽ ڳوٺن تائين تيزيءَ سان پکڙجي وئي هئي ۽ اها حڪمران طبقي جي لاءِ هڪ سنجيده چئلينج بڻجي چڪي هئي. ايران ۾ موجود ڪجهه ماڻهو انهيءَ ڳالهه جا دعويدار هئا ته حڪمران جي دعوائن جي برعڪس هي عوامي تحريڪ نه ته آمريڪي سامراج جي پيداوار هئي ۽ نه ئي نسل ڪشي ڪندڙ صهيونسٽ رياست اسرائيل جي سازش، پر صرف حڪمران طبقي جي سرمائيدار نظام جي خلاف معاشي پاليسين جي تباهي ڪندڙ معاشي پاليسين وسيع ڪرپشن عدم تحفظ ۽ حڪمران طبقي ۽ ان جي حوارين پاران قوم تي لاڳو ڪيل هر قسم جي ظلم جو سڌو نتيجو هئي. بهرحال جيترا وات اوتريون ڳالهيون. بهرحال ايران جي تاريخ ۾ بشمول پهلوي بادشاهت جي دور کان اسان اهڙا منظر وقتي وقتي سان ڏسندا اچون. دنيا جي ميڊيا جو چوڻ اِهو آهي ته ملڪ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ لکين ماڻهن جي هن نافرماني کي ڀرپور ڪوشش ڪانپوءِ روڪيو ويو آهي. جيڪو انهيءَ ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته ايراني عوام جي وڏي اڪثريت هاڻي موجوده حڪومت جي پاليسين کي برداشت ڪرڻ نٿي چاهي. منهنجا پڙهندڙ نوجوانو، جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته ايراني معاشرو هن وقت ٽن وڏن دٻائن کي منهن ڏئي رهيو آهي. جن مان سڀ کان پهريون معاشي دٻاءُ آهي. جنهن جي ڪري افراط زر، بيروزگاري ۽ پابندين عام ماڻهن جو جيئڻ ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي ٻيو سماجي دٻاءُ آهي، خاص طور تي نوجوان نسل ۾ جيڪي عالمي دنيا سان ڳنڍيل آهن سوال ڪن ٿا، بحث ڪن ٿا ۽ پراڻي بيانن کي اکيون پوري قبول ڪرڻ جي لاءِ تيار نه آهن. ٽيون سياسي دٻاءُ آهي، جتي رياستي سختي ۽ عوامي مطالبن جي وچ ۾ فرق وڌي رهيو آهي. چيو وڃي ٿو ته ايران جي رستن تي نظر ايندڙ احتجاج صرف وقتي ڪاوڙ جو اظهار نه هو پر گهري تبديلي جي خواهش جي نشاني آهي، عورتن جي حقن، اظهار جي آزادي ۽ ذاتي آزاديءَ جهڙا مطالبا سرگوشين جي بدران نعرا بڻجي چڪا آهن. هي اهو مرحلو آهي جتي جيڪڏهن رياست ۽ عوام جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه بند ٿي وڃي ٿي ته تڪرار ناگزير ٿي ويندو آهي پر اِهو چوڻ به بيوقوفي هوندي ته ايران ۾ سڀاڻي ئي انقلاب ايندو، ڇاڪاڻ ته ايراني حڪمرانن جون پاڙون تمام گهڻيون مضبوط آهن. انهيءَ جا ادارا مضبوط آهن ۽ 1979ع واري آيت الله خامنه اي جي آنديل انقلاب واري انقلابي سوچ اڃا تائين هڪ وڏي آبادي جي لاءِ ڪشش رکندڙ سوچ آهي. ياد رکو وقت جو وهڪرو ڪڏهن به ڪنهن جو انتظار نٿو ڪري، جيڪي وقت سان گڏ ناهن هلندا، وقت انهن کي بي رحمي سان لتاڙي اڳيان وڌي ويندو آهي. آئون عرض ڪريان ته انهيءَ ۾ ڪو شڪ ناهي ته ايران ۾ بغاوت جو عنصر زورن تي آهي، مغربي ميڊيا کي ڏسجي ٿو ته ائين لڳي ٿو ڄڻ ماڻهن جو صبر پنهنجي انتها تي پهچي ويو آهي ۽ اهڙيون تصويرون ڏيکاريون وڃن پيون ته ڄڻ ته نوجوانن جي چهري تي هڪ عجيب پريشاني ۽ ڪاوڙ آهي، يعني هنن جي چهري مان هڪ مختلف قسم جو ردعمل نظر اچي رهيو هجي. خاص طور تي عورتن کي اهڙو ڪري ڏيکاريو وڃي پيو ته ڄڻ ايران ۾ عورتون صدين کان ٻوسٽ جو شڪار آهن. هاڻي هو آزاديءَ سان جيئڻ رهيون آهن ته بس گهڻو ٿي ويو، هاڻي وڌيڪ نه. عورتون مذهبي ۽ روحاني اڳواڻن جون تصويرون وات ۾ سگريٽ ڪٽي ساڙيندي نظر اچن ٿيون. نه رڳو آهي انهن کي ساڙي رهيون آهن، پر انهن کي عجيب ۽ غريب قسم جا اشارا ڪندي به ڏيکاريو وڃي پيو، ايران مخالف ميڊيا جو چوڻ آهي ته اڄ اها عورت برقعا، نقاب ۽ چادرون جن بابت اخلاقي پوليس خاص طور تي ناهي وئي هئي، پاڻ کي انهن چادرن کان آزاد ڪري ورتو آهي ۽ رستن بازارن ۽ گهٽين ۾ آزادانه طور تي گهمي رهيون آهن. هيءَ ٻڌائڻ اِهو پيا چاهين ته اخلاقي پوليس پاران انهن سان ماضيءَ ۾ جيڪو ڪجهه زبردستي ڪيو ويو آهي اهو سڀ انهيءَ جو اثر آهي. ڪڏهن ڪڏهن معمولي ڪلڻ تي به سرزنش، ڪڏهن اتفاقي وارن جي ڏسڻ ۾ اچڻ تي ڪوڙن جو مينهن، عورت هجڻ ڄڻ ته جرم هجي، مردن کي برائي کان بچائڻ لاءِ عورتن کي ئي پابندِ لباس ڪري ڇڏيو، مرد ته وري به مرد آهي. آئون عرض ڪريان ته اها سڀ آمريڪا جي سازش آهي. اسان مڃيون ٿا بلڪل سازش آهي پر حالات بک، بيروزگاري، انٽرنيٽ جي بندش، دنيا سان لاڳاپا، نوجوانن جي تعليم، حق خود ارادیت اِهي ضروريات جڏهن معاشري ۾ وڌي وڃن ٿيون ته پوءِ ظاهر آهي ته ٻاهر جو هجي يا گهر جو دشمن ته ضرور فائدو کڻڻ جي ڪوشش ڪندو. ياد رکو جڏهن بُک ۽ بيروزگاري حد کان وڌي ويندي آهي، ته اها بغاوت کي جنم ڏيندي آهي ۽ هيءَ بغاوت اها آهي جنهن کي ايران اڄ منهن ڏئي رهيو آهي پر ايراني صاحبانِ حيثيت کي سوچڻ کپي ته ساڳيا ئي حالات هئا، ساڳي ئي ايراني قوم هئي 1979ع، جنهن شاهه جهڙي جي ڏاڍ جون زنجيرون ٽوڙي ڇڏيون. اڄ اها ئي ساڳي قوم آهي، ساڳيا ئي رستا آهن، ساڳيا ئي مسئلا آهن. ياد رکو منهنجا پڙهندڙ نوجوانو سائنس ۽ ٽيڪنالاجي جي هن دور ۾، نوجوانن جي انقلاب کان صرف اهي ئي بچي سگهندا جيڪي پنهنجي وقت سان هم آهنگ هوندا. علم ۽ معيشت جي هن دور ۾ طاقت علم ۾ مرڪوز ٿي وئي آهي، جيڪو به علم جي ميدان ۾ اڳتي هوندو اهو ئي حڪمراني ڪرڻ جا خواب ڏسندو ۽ اهو ئي حڪمراني ڪندو!

اڄوڪو ڏينهن ـ 24 جنوري

ويرومل بيگراج

ويرومل بيگراج پنهنجي دور جو هڪ بيباڪ صحافي، نامور سياستدان ۽ مشهور سماج سڌارڪ هو. سندس جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1874ع ۾ سکر ۾ ٿيو. سکر ۽ شڪارپور ۾ پڙهيو ۽ سيڪنڊ گريڊ پبلڪ سروس جو امتحان پاس ڪيائين. هن 1901ع ۾ پنهنجي پريس قائم ڪئي، جنهن کي ”ايڊورڊ پريس“ جو نالو ڏنائين پر پوءِ انهيءَ جو نالو بدلائي ”تلڪ پريس“ رکيائين. انهيءَ پريس مان هفتيوار اخبار ”سنڌي“ جاري ڪيائين، جيڪا لاڳيتو چاليهه سال شايع ٿيندي رهي. 1895ع ۾ هن ساڌو گوڪلداس سان ملي هڪ ”سڌار سڀا“ نالي هڪ سماجي اداري جو بنياد وڌو. هن انهيءَ اداري جي عمارت ٺهرائڻ ۾ مکيه ڪردار ادا ڪيو. هن 1908ع ۽ 1909ع ۾ سکر ۽ حيدرآباد ۾ راڄنيتي ڪانفرنسون ڪوٺايون ۽ ٻنهي ڪانفرنسن جي سيڪريٽريءَ طور ڪم ڪيائين. 1909ع واري ڪانفرنس دوران انگريز سرڪار خلاف سندس لکيل ڪتاب جي مهورت ٿي. انهيءَ ڪتاب سرڪار کي ڪاوڙائي وڌو ۽ ويرومل کي ٽي سال شهر نيڪالي ۽ 50 رپيا ڏنڊ وڌو ويو. 1917ع ۾ هن کي حيدرآباد ۾ ڪوٺايل صوفي سيميلن جو صدر چونڊيو ويو. هن سنڌ ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي صدر طور به خدمتون سرانجام ڏنيون. هو ڪيترن ئي سالن تائين سکر ميونسپلٽيءَ جو ميمبر رهيو. هو سنڌ جي بمبئيءَ کان عليحدگيءَ جو مخالف هو. هن سنڌ ۾ ”هندو مها سڀا“ قائم ڪئي ۽ ڪيترائي سال ان جو صوبائي صدر رهيو. هندستان جي ورهاڱي کان پوءِ هندستان لڏي وڃڻ بدران سنڌ ۾ رهڻ کي ترجيح ڏنائين. هن 16 جولاءِ 1956ع تي شڪارپور ۾ پرلوڪ پڌاريو.

سيد فيروز شاهه دڙائي بوبڪائي




اڄوڪو ڏينهن قادرالڪلام شاعر ۽ سرگرم سياسي ڪارڪن سيد فيروز شاهه دڙائيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي پاڻ 24 جنوري 1925ع تي ڳوٺ سيد ذوالفقار علي شاهه دڙو بوبڪ لڳ تعلقي سيوهڻ ۾ تولد ٿيو ابتدائي تعليم بوبڪ جي هڪ مدرسي مان حاصل ڪيائين مئٽرڪ فلٽ هاءِ اسڪول گارڊن ڪراچيءَ مان پاس ڪيائين سياسي طور تي حيدربخش جتوئيءَ جي هاري تحريڪ سان واڳيل رهيو اڳتي هلي پاڪستان پيپلز پارٽيءَ شامل ٿيو ۽ تعلقي سيوهڻ جو صدر رهيو هن کي شاعري ۽ لکڻ پڙهڻ سان خاص



اڄوڪي ڏينهن تي 1980ع ۾ سڄاول ضلعي ۾ دڙي شهر ويجهو ڳوٺ علي محمد سومري ۾ ٿيو مشهور اديب يوسف سنڌيءَ کان متاثر ٿي هن به لکڻ شروع ڪيو هن جون ڪهاڻيون، شاعري ۽ مضمون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندا رهيا آهن هو سنڌي ادبي سنگت سان واڳيل آهي ۽ انهيءَ سنگت جي دڙي شاخ جو ميمبر ۽ ڪائونسلر رهي چڪو آهي


غزالا رفيق

غزالا رفيق ريڊيو ۽ ٽيليويزن جي مشهور اداڪاره صداڪاره ۽ فنڪاره هئي اڄ سندس ورسيءَ جو ڏينهن آهي



هن ٽليوري اداڪاره جو اصل نالو بلقيس انصاري هو ۽ هن جو جنم 1939ع ۾ قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي شهر قمبر جي هڪ علمي ۽ ادبي خاندان ۾ ٿيو لکڻ پڙهڻ ۽ موسيقيءَ سان سندس دلچسپي ننڍي هوندي کان ئي هئي هن پنهنجي فني سفر جي ابتدا ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تي 1957ع ڌاري ڪئي مشهور براڊ ڪاسٽر زيڊ اي بخاريءَ هن جي ڏات کي پرکي ورتو ۽ هن کي ريڊيو پروگرامن ۾ هڪ ميزبان ۽ ڊراما آرٽسٽ طور ڪم ڪرڻ جو موقعو ڏنائين غزالا رفيق شروع ۾ بي اي غزالا جي نالي سان ريڊيو تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو سندس آواز ۾ ڪجهه گيت به رڪارڊ ڪيا ويا خاص طور تي سندس ڳايل گيت ”مارو منهنجا ايندا سانگي منهنجا ايندا“ ڪافي مقبول ٿيو هن سنڌي توڙي اردو پروگرامن ۽ ڊرامن ۾ اداڪاري ۽ صداڪاري ڪئي هن پاڪستان ٽيليويزن سينٽر ڪراچيءَ تي ڪيترن ئي اردو ۽ سنڌي ڊرامن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا، هوءَ 1960ع ۽ 1970ع وارن ڏهاڪن ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي ءَ جي مشهور اداڪاره رهي سندس مشهور سنڌي ٽي وي ناٽڪن ۾ زينت، عمر مارئي، سسئي پنهون، نوري ڄام تماچي ليلا چنيسر، ماءُ پليا ۽ پڙلاءُ ۽ ٻيا ناٽڪ شامل آهن هيءَ ناميارو اداڪاره ۽ صداڪاره 24 جنوري 1977ع تي پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن پورا ڪري وڃي خلق حقيقيءَ سان ملي

استاد محمد جمن



مختيار اٽو

ڪراچيءَ تي هڪ سرنڌي نواز جي حيثيت ۾ ڪيو اڳتي هلي ساڳيءَ ريڊيو اسٽيشن تي موسيقار جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ لڳو 1955ع ۾ هو ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان هڪ موسيقار جي حيثيت سان سلهاڙجي ويو هن نه فقط پاڻ سنڌ جي صوفي شاعرن جي ڪلام کي پنهنجي مٺڙي آواز ۾ هوائن جي آڏار سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ تائين پهچايو بلڪ ٻين به ڪيترن ئي راڳيندڙن کي موسيقيءَ جي سڪيا ڏئي مشهوريءَ جي اعليٰ مقام تي پهچايو. ريڊيو پاڪستان جي لائبريءَ ۾ موجود سندس ڳايل سوين صوفي ڪلام اڄ به من کي موهي وجهن ٿا هن ڪافيون، ڪلام، غزل قومي نغما ۽ گيت خوبصورت انداز ۾ ڳايا آهن سندس ڪلامن وسيلي ڀلاري پٽ ڌڻيءَ سچل سرمست ۽ ٻين صوفي شاعرن جو ڪلام عوام تائين پهتو هوندو ته سندس سمورا ڳايل ڪلام مشهور ٿيا پر ”منهنجو ملڪ ملير، ڪوٽن ۾ آئون ڪيئن گذاريان“، ”يار ڏاڍي عشق آتش“، ”راڻل توين رات“ ۽ ”عشق هاڻي ڪجي ڪنهن سان، جان جو جانان نه رهيو“ اڄ ڏينهن تائين پسند ڪيا وڃن ٿا ريڊيو سان گڏ هن پاڪستان ٽيليويزن تي به پنهنجي آواز جو جادو جاڳايو. پاڪستان سرڪار 1980ع ۾ سندس فن کي مڃتا ڏيندي هن لاءِ حسن ڪارڪردگيءَ جي تمغي جو اعلان ڪيو سنڌ جي ثقافت واري کاتي پاران سنڌ ميوزيم حيدرآباد ۾ سندس موسيقيءَ جي هڪ گيلري کولي وئي آهي ڪيس شاهه لطيف ۽ سچل ايوارڊ حاصل ڪرڻ جي به سعادت نصيب ٿي سنڌ جي هن مهان راڳيءَ 24 جنوري 1990ع تي پرهه ڦٽيءَ ويلي هن دنيا کان هميشه لاءِ موڪلايو سندس مڙهه ڪراچيءَ جي ميوا شاهه قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ جي حوالي ڪيو ويو.

ڊاڪٽر حبيب الرحمان ڏيلائي

ڊاڪٽر حبيب الرحمان جو نالو هڪ ڪالم نويس




اڳوڻي شاگرد اڳواڻ ۽ ڊاڪٽر طور سڄي سنڌ ۾ مشهور آهي هو سنڌ جي برک اديب ۽ صحافيءَ مرحوم محمد عثمان ڏيلائيءَ جو ننڍو فرزند هو سندس جنم 31

وفات ڪئي سندس مڙهه کي حيدرآباد جي بابن شاهه قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ جي حوالي ڪيو ويو.

رحيم بخش سومرو

اڄوڪو ڏينهن اسان کي سنڌ جي مشهور سياستدان رحيم بخش سومري جي ياد ڏياري ٿو اڄ سندس ورسيءَ جو ڏينهن آهي رحيم بخش سومرو اڳوڻي وزيراعليٰ سنڌ شهيد الله بخش سومري جو پٽ



هو سندس جنم 1938ع ۾ ٿيو علي ڳڙهه مان تعليم حاصل ڪيائين سياست جي شروعات لوڪل بورڊ جيڪب آباد جي ميمبر طور ڪيائين والد جي شهادت کان پوءِ ڪيس سومرا خاندان جو سردار چونڊيو ويو سومري خاندان جا فرد ڪيس عزت وچان بابا سائين ڪوٺيندا هئا. پنهنجي سٺ سالا سياسي سفر ۾ هو 7 ڀيرا سنڌ اسيمبليءَ جو ۽ 2 ڀيرا قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو سر غلام حسين هدايت الله جي وڏ وزارت دوران پهريون ڀيرو وزير مقرر ٿيو ان بعد عبدالستار پيرزادي، گورنر يوسف هارون، ابراهيم رحمت الله جنرل رحيم الدين ۽ اخترعلي جي قاضيءَ جي حڪومت ۾ پڻ وزير رهيو اڪثر قومي ۽ صوبائي اسيمبليءَ جون چونڊون آزاد ميمبر طور وڙهيو ڪجهه عرصو اصغر خان جي تحريڪ استقلال پارٽيءَ سان لاڳاپيل رهيو آخري ڀيرو ڄام صادق عليءَ جي دور ۾ صوبائي اسيمبليءَ جي چونڊن ۾ حصو ورتائين هن 24 جنوري 2005ع تي ڪراچيءَ ۾ دم ڏنيءَ حوالي ڪيو.

سيد احسن الهاشمي

اڄ مشهور غزل گو شاعر ۽ اديب احسن الهاشميءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي



احسن الهاشميءَ جو اصل نالو سيد حسن علي شاهه ولد مٺن شاهه هو ۽ پاڻ 23 سيپٽمبر 1923ع تي حيدرآباد شهر جي ٽنڊي مير نورمحمد ۾ تولد ٿيو ابتدائي تعليم گنوينڊر پرائمري اسڪول مان حاصل ڪيائين ان بعد نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد، اورينٽل ڪاليج امرتسر ۽ علم نزاد جاشڪ ايران ۾ پڙهيو سنڌيءَ سان گڏ عربي ۽ فارسي ٻوليءَ تي چڱو عبور حاصل هئس هو سياسي طور تي پهريائين خاڪسار تحريڪ ۽ پوءِ آل انڊيا مسلم ليگ سان واڳيل رهيو شاعريءَ جو شوق ننڍي هوندي کان ئي

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج-II حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 22 سال 2026

مسمات روزينه ڌيءُ عبدالواحد خان رهندڙ ڳوٺ عبدالواحد خان نوناري پي.او هٽڙي تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد....پلينٽف...خلاف: جميل احمد نوناري پٽ محراب خان نوناري رهندڙ R-52 ايزي سٽي سامهون قائد اعظم پارڪ ويجهو اسٽيل ٽائون بن قاسم ڪراچي. موبائل نمبر: 0333-3652677....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ، مينٽيننس اينڊ ريٽرن آف ڏاوري آرٽيڪلز لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي، تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 06-02-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو.

سول اينڊ فيملي جج-II حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 561 سال 2025

مسمات ثمرين ڌيءُ علي گل چانڊيو رهندڙ محلا سميرا ڪالوني نوابشاهه ...پلينٽف...خلاف: ذيشان عرف منور پٽ سرور چانڊيو رهندڙ چانڊيا ڪالوني نوابشاهه تعلقو نوابشاهه ...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ...

Oil & Gas Development Company Limited

ogdcl the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-CSR-310112164-2026	HIRING OF COASTER FOR PICK and DROP FOR STUDENTS AT FILMKASSAR, DISTRICT CHAKWAL	10.02.2026 1030 Hrs
2.	OGDCL-SCM-LD-PT-PNP-QP-309828250-2026	SUPPLY OF GASKETS	10.02.2026 1130 Hrs
3.	OGDCL-SCM-LD-PT-PNP-QP-310132875-2026	MATERIAL FOR INSTALLATION & COMMISSIONING OF GENSET	11.02.2026 1130 Hrs
4.	OGDCL-SCM-LF-PT-PQ-310496062-2026	PRE-QUALIFICATION OF COVERALLS FOR 3 YEARS AND CALL OUT/ RATE RUNNING CONTRACT FOR ONE YEAR	16.02.2026 1130 Hrs
5.	OGDCL-SCM- FD-CB-RM-309572244-2026	WIRELESS H2S AND LEL GAS DETECTION SYSTEMS	24.03.2026 1100 Hrs

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
3. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621 for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
5. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue,
Blue Area Islamabad-Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3652 / 3780

ogdcl.com
No. 11/32

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

No. XEN/PDM&I/REV-NIT/CORRIGENDUM/2025-26/241

حڪومت سنڌ

ڪلچر ٽوئرزم اينٽيڪيوٽيز اينڊ آرڪائيوز ڊپارٽمينٽ، پلاننگ، ڊولپمينٽ، مانيٽرنگ اينڊ امپليمينٽيشن سيل

پويان رومي قبرستان، ويجهو گرڊ اسٽيشن ايٽ نادرن بائي-پاس، ڪراچي
ڪراچي، تاريخ: 22 جنوري، 2026

تصحيح

موضوع: اين آءِ ٽي/ٻولي دستاويزن جو اضافو.

مهرباني ڪري NIT ريفرنس نمبر XEV/PDM&IREV-NIT/2025-26/230 تاريخ: 19 جنوري، 2026، INF_KRY No.195/26، جيڪو معروف اخبارن (ڊيلي ٽائمز ۾ 21.01.2026، روزاني جنگ ۾ 21.01.2026، روزاني عبرت ۾ 21.01.2026، روزاني سرواڻ ۾ 21.01.2026) ۾ شايع ٿيل آهي. جيڪو ترتيب وار SPPRA EPADS سسٽم تي 20.01.2026 تي EPADS_S_26010687555, EPADS_S_26010687556, EPADS_S_26010687557, EPADS_S_26010687558, EPADS_S_26010687559, EPADS_S_26010687560, ۽ EPADS-S-26010687561 تي اپ لوڊ ڪيو ويو آهي.

مٿي ڏيکاريل ٻولي جي سيڪيورٽي / NIT ٻولي دستاويزن کي اندازي مطابق قيمت جو 5٪ قرار ڏنو آهي جيڪو هن ريٽ پڙهي سگهجي ٿو:

سيريل نمبر	ڪم جي تفصيل	بڊ سيڪيورٽي
01	هارڊويئر	ڪٿيل لاڳت جو 3٪
02	پلانٽ ۽ مشينري	ڪٿيل لاڳت جو 3٪
03	فرنيچر ۽ فڪسچر	ڪٿيل لاڳت جو 3٪
04	اسٽيشنري	ڪٿيل لاڳت جو 3٪
05	پرنٽنگ ۽ پبليڪيشن	ڪٿيل لاڳت جو 3٪
06	ٻين جي لاڳت	ڪٿيل لاڳت جو 3٪
07	ٻيا	ڪٿيل لاڳت جو 3٪

ٻيا سڀئي TORS ساڳيا رهندا.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
PDM&I سيل

INF-KRY 246/2026
WORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

لڪي لڳ ڪوچ ڪان ڦرجي ڪوشش، فائرنگ، ايس ايڇ او قتل، ڏوهاري زخمي ٿيڻ جا اطلاع

سکر شڪارپور قومي شاهراه روڊ تي ڌاڙيلن رڪاوٽون وجهي ڪوچ جا ٽائر برسٽ ڪري ڦر لٽ ڪئي

اطلاع تي پوليس پهچي وئي، مڪيڙي مهان فائرنگ، گوليون لڳڻ سبب ايس ايڇ او خميسو خان بروهي زخمي ٿي پيو

زخمي حالت ۾ سکر جي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي حوالي ڪيو

پوليس ڏوهاري جي پيرو کنيو جنهن ۾ ڏوهارين جي زخمي ٿيڻ جا اطلاع پڻ مليا آهن

لڪي غلام شاه(رپورٽ عبدالرزاق مهر) لڪي غلام شاه پرسان گذريل رات دير سان لڪي غلام شاه ٿاڻي جي حد ۾ سکر شڪارپور قومي شاهراه روڊ تي آنڌل مهر لڳ نواب شاه ڪان ڪوئٽه ويندڙ سدا بهار ڪوچ نمبر JA8940ڊرائيور محبت خان منشي سعيد احمد گلزار ۽ ٻين ٻڌايو ته ڌاڙيلن روڊ مهان پلال رکي باهه ڏئي رڪاوٽون وجهي ڪوچ جي ٽائر برسٽ ڪري روڪي ڪوچ ۾ ويٺل مسافرن کي ڪوچ اندر يرغمال بڻائي لکين روپين جي ڦرلٽ ڪئي جنهن ۾ موبائل فونون سونا زيور روڪ رقم ۽ ٻيا قيمتي سامان ڦرلٽ ڪندا رهيا اطلاع ملڻ تي ايس ايڇ او لڪي غلام

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5



لڪي غلام شاه: مقابلي ۾ زخمي ٿيڻ بعد فوت ٿيل ايس ايڇ او جو آخري ديدار

شهيد ايس ايڇ او خميسو خان بروهي جي جنازي نماز سرڪاري اعزاز سان ادا

جنازي نماز ۾ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ڊي سي شڪارپور ايس ايس پي شڪارپور جي شرڪت

شهيد جي وارثن کي ڪلهن ۾ اڪيلو نه ڇڏيو ويندو:ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو

لڪي غلام شاه: شهيد ايس ايڇ او خميسو خان بروهي جي جنازي نماز پوليس لائنز ۾ ادا ڪئي وئي شهيد ايس ايڇ او خميسو خان بروهي جي جنازي نماز سرڪاري اعزاز سان پوليس لائنز ۾ ادا ڪئي وئي ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو جنازي نماز ۾ شرڪت ڪئي جنازي نماز ۾ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب ڊپٽي ڪمشنر شڪارپور شڪيل احمد ابڙو ايس ايس پي شڪارپور شاهزيب چاچڙ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اعليٰ آفيسرن پوليس ۽ رينجرز اهلڪارن

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سپاهين جا حوصلا بلند آهن، هي جنگ ڌاڙيلن جي مڪمل خاتمي تائين جاري رهندي: ايس ايس پي شڪارپور

لڪي غلام شاه: ايس ايس پي شڪارپور شاهزيب چاچڙ چيو "مون سميت منهنجي سڀني سپاهين جو حوصلو بلند آهي هي جنگ ڌاڙيلن جي مڪمل خاتمي تائين جاري رهندي هر شهيد اسان جي عزم ۽ ارادي کي مضبوط ڪري ٿو"



ڪراچي: گورنر ڪامران ٽيسوري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪنڊڪوٽ لڳ تيز رفتار ٽرڪ جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر ۾ ٻه ڄڻا فوت، هڪ زخمي

غوثپور ويجهو انڊس هاءِ وي تي انڙ پل وٽ ٽرڪ جو سامهون ايندڙ موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿيو

حادثي جي نتيجي ۾ حب علي چاچڙ ۽ اويس ملڪ ٿلهي تي فوت ٿي ويا، هڪ زخمي ٿي پيو

اطلاع تي پوليس ٽرڪ جو پيڇو ڪري ڊرائيور سميت ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ لڳ تيز رفتار ٽرڪ جو سامهون ايندڙ موٽرسائيڪل ۾ زور دار ٽڪر ٿي پيو ۽ ٻه ڄڻا ٿلهي تي فوت هڪ ڄڻو سخت زخمي اسپتال منتقل مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو پوليس ٽرڪ ڊرائيور سميت ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو واقعي جي اين سي داخل غوثپور لڳ غوثپور ٿاڻي جي حد انڊس هاءِ وي انڙ پل وٽ تيز رفتار ٽرڪ جو سامهون ايندڙ موٽرسائيڪل ۾ زور دار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار ڪنڊڪوٽ واسي حب علي چاچڙ ۽ اويس ملڪ ٿلهي تي فوت ٿي ويا جڏهن ته هڪ ڄڻو سخت زخمي ٿي پيو اهڙو اطلاع

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5



ڪنڊڪوٽ: حادثي ۾ فوت ٿي ويل نوجوانن جا فائيل فوٽو

شادي لارج ۾ معصوم ٻار سان جنسي ڏاڍائي، حالت خراب، ايس ايس پي جو نوٽيس

9سالن جي ٻارڙي اڪرم ڪيري ٻن نامعلوم وحشي جوابدارن زيادتي جو نشانو بڻايو

ٻارڙي جي حالت خراب، ايس ايس پي بدين جي نوٽيس تي ٻن جوابدارن خلاف ڪيس داخل

بدين (ڊ ر) شادي لارج ۾ معصوم ٻار سان ٻن وحشين جي جنسي ڏاڍائي ٻالڪ جي حالت خراب ڪيس ڪوسڪي اسپتال اندو ريو واقعي جو ايس ايس پي بدين نوٽيس ورتو ڪيس داخل تفصيل موجب شادي لارج ۾ ٻن وحشين اڪرم ولد عبدالعزيز ڪيري جنهن جي عمر اٽڪل 9 سال ۽ هو پيدائشي گونگو آهي سان ٻن ڄڻن گڏجي زيادتي جو نشانو بڻايو ۽ فرار ٿي ويو

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5



شهدادپور: امامير اسٽوڊنٽس پارٽي آمريڪي بورڊ ۾ پاڪستاني شرڪت خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

راڻي پور: رٽائرڊ فوجي لاڙڪاڻي ۾ گاڏي هلائڻ دوران دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو

راڻي پور(ن ع) راڻي پور جي ڳوٺ قيصر خان شاهاڻي جو رهواسي رٽائرڊ فوجي رياض احمد شاهاڻي لاڙڪاڻو ۾ گاڏي هلائي دل جو دورو پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو آهي سندس وارثن موجب مرحوم

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ڪيرو: نالياري ليکڪ تعليمدان محمد جمن ڪنڀر جي وفات تي سيد محمد راشد شاه راشدي جي تعزيت

ڪيرو(ڊ ر) حرن جي روحاني پيشوا پير صبغت الله شاه راشدي پير پاڳاري جي فرزند سيد محمد راشد شاه راشدي ناليواري ليکڪ تعليمدان محمد جمن ڪنڀر جي لاڏاڻي تي گلشن عاقل ڪالوني ڪيرو پهچي ايم جمن ڪنڀر جي پٽ الله بخش ڪنڀر پٽن منصور ڪنڀر مصطفيٰ ڪنڀر مهراڻ ڪنڀر سان تعزيت ڪئي



وڳڻ: فوتي شخص جو لاش اسپتال ۾ رکيل آهي

راڄوخاناڻي ۾ حد دخلين هٽائڻ لاءِ اي سي ۽ ٽائون چيئرمين جي گڏجاڻي

گڏجاڻي ۾ مين روڊ جي سينٽر کان 55 فوٽ اڏاوتون هٽائڻ جو فيصلو ڪيو ويو

سومر تي ماپ ڪري دڪاندارن کي پاڻمرادو حد دخليون هٽائڻ لاءِ نوٽيس ڏنا ويندا:اي سي

راڄوخاناڻي(ن ع) راڄوخاناڻي شهر جي مين روڊ تان حد دخليون هٽائڻ بابت ٽائون ڪميٽي راڄوخاناڻي آفيس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر عبدالغفار ملاح تلهار ۽ چيئرمين ٽائون ڪميٽي راڄوخاناڻي مير عرفان ٽالپر جي صدارت هيٺ هڪ اهم گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ اسسٽنٽ مختيارڪار تلهار

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز ۾ موبائل شاپ مان ڪروڙين روپين جي چوري، شهرين جو احتجاج

چور ٺاروشاه اسٽاپ تي قائم موبائل شاپ جا شٽر ٽوڙي 150 موبائل فون کڻي فرار

واقعي خلاف شهرين ۽ دڪاندارن جو ٽائر ساڙي روڊ بلاڪ احتجاج، پوليس خلاف سخت نعريبازي

نوشهروفيروز(ڊ ر) نوشهروفيروز ۾ رات دير سان ٺاروشاه اسٽاپ تي قائم موبائل شاپ مان هڪ ڪروڙ روپين کان وڌيڪ ماليت جي چوري، نامعلوم چور ڪاشف راجپوت جي موبائل شاپ جا شٽر ٽوڙي 150 موبائل فونون چورائي فرار ٿي ويا واقعي خلاف شهرين شهر مان گذرندڙ قومي شاهراه تي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلائي ڪمپني
HESCO
فائنل نوٽس
آفيس: ريجنل اسٽور حيسڪو حيدرآباد
اسٽور هيلپر سجاد حسين
توهان تاريخ 19 مارچ 2019 کان دانسته طور تي پنهنجي ڊيوٽي تان غير حاضر آهيو توهان جي خلاف بدانتظامي (Misconduct) جا الزام آهن موجود دستاويزي شهادتن جي بنياد تي باقاعده انڪوائري جي ضرورت محسوس نه ڪئي وئي ۽ توهان جي خلاف "E&D Rules" ۾ وضاحت ڪيل هڪ يا وڌيڪ سزائون ڏئي سگهجن ٿيون. هن نوٽس جي اشاعت/ وصولي جي 15 ڏينهن اندر پنهنجو بيان رڪارڊ ڪرايو ته ڇو نه توهان جي خلاف تجويز ڪيل ايڪشن ورتو وڃي مقرر وقت ۾ توهان پاران جواب موصول نه ٿيڻ جي صورت ۾ سمجهيو ويندو ته توهان پنهنجي دفاع ۾ ڪجهه چوڻ لاءِ نه آهي يا توهان ڄاڻي واڻي ۽ ڪري رهيا آهيو جنهن ڪانپوءِ توهان جي خلاف هڪ طرفي ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي
ڊپٽي مينجر ريجنل اسٽور حيسڪو حيدرآباد
PID(H) 284/2025

سانگهڙ ضلعو اڄ به پاڳاري جو قلعو آهي: راشد علي شاهه

اليڪشن ۾ جيڪو ڪجهه ٿيو اهو سڀني کي خبر آهي

چوٽياريون جي واقعي جي جانچ هلي پئي واقعي جي مذمت ڪجي ٿي

ڄام نوازعلي (ن ع) حرن جي روحاني پيشوا پير پاڳارو جي فرزند سيد راشد علي شاهه بيراڻي ۾ سيد يار محمد شاهه جي ڊنل ڇانڊ پارٽي ۾ شرڪت ڪئي بعد ۾ سيد راشدعلي شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سانگهڙ ۾ پ پ جيڪو ڪجهه ڪري رهي آهي اهو ميجڪ شو آهي اڃا ته ميجڪ شو هلي پيو سانگهڙ ضلعو اڄ به پاڳارو جو قلعو آهي هي ته صرف نظرن جو دوکو

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5



ڪيرو: ايم پي اي سيد راشد شاهه صحافي اي بي ڪنڀر سان سندس پيءُ جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪري رهيو آهي

سڪيون: استاد سيد عبدالله شاه جي امڙ لاڏاڻو ڪري وئي

سڪيون (ن ع) سڪيون پرسان ڳوٺ مهتي ديرو جي رهواسي استاد سيد عبدالله شاه ۽ احمد شاه جن جي امڙ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي جنهن جي جنازي نماز ۾ علائقي جي سوين سياسي سماجي اڳواڻن صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحومه جي جنازي نماز ادا ڪرڻ بعد مڙهه مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو آهي جڏهن ته پرائمري استاد سيد عبدالله شاه بخاري ۽ سيد احمد شاه بخاري ۽ ٻين وارثن سان سندس رهائش گاه تي تعزيت جو سلسلو جاري آهي



هالا: فوتي شخص جو لاش اسپتال ۾ رکيل آهي

هالا پرسان موبائيل شاپ تان سوا ڪروڙ کان وڌيڪ ماليت جو سامان چوري

ڇهه هٿيارٻند جوابدارن 15 منٽن ۾ 220 قيمتي موبائيل فون، ڪيش رقم کڻي فرار

متاثر دڪاندار جو اعليٰ اختيارين کان جوابدار گرفتار ڪري چوري ٿيل سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو

هالا (ت ر) هالا جي درگاهه مخدوم سرور نوح پرسان عمار موبائيل شاپ تان هڪ ڪروڙ پندرنهن لک کان وڌيڪ ماليت جا موبائلس ۽ ڪيش رقم ديدا دليريءَ سان ڇهه هٿيارٻند دڪان جا تالا ٽوڙي بآسانيءَ سان فرار ٿي ويا، هالا ۾ ايس ايڇ او جي بدلي سان گڏ ئي امن و امان جي صورتحال خراب ٿيڻ لڳي - ٻه ڏينهن اڳ مقرر ٿيل ايس ايڇ او ڪرم علي عمراڻي کي چورن پاران مبينا طور سلامي ڏيندي درگاهه سرور نوح پرسان قائم ڪانٽيش ڪمار جي عمار

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ اٽي ڏاڙهي ۽ ٻوسي جا اگهه آسمان سان ڳالهيون ڪرڻ لڳا، عوام پريشان

شهر سميت ٻهراڙي وارن علائقن ۾ اٽو في ڪلو 160 روپين ۾ بليڪ تي وڪرو ٿيڻ لڳو

ٻوسي جو اگهه 4000 روپيا مڻ ۽ ڏاڙو 5300 کان 5400 روپيا في مڻ وڪرو ٿي رهيو آهي

مالدار ۽ واپارين پاران ضلعي انتظاميا ۽ حڪومت کان اٽي ۽ ٻوسي جا اگهه ڪنٽرول ڪرڻ جو مطالبو

اسلام ڪوٽ (ن ع) اسلام ڪوٽ شهر ۽ ٻهراڙي وارن ڳوٺن ۾ ڪڻڪ جو اٽو مهانگو ٿي ويو آهي،شهر سميت ٻهراڙي وارن ڳوٺن ۾ اٽو في ڪلو 160 روپين ۾ بليڪ ٿي وڪرو ٿي ويو رهيو آهي،شهر ۾ چڪي مالڪن گهربل ڪڻڪ نه ملڻ جو جواز ڄاڻائي چڪيون بند ڪري رکيون آهن ۽ اٽي پنجاب جو اٽو گهرائي مهانگو وڪرو ڪيو پيو وڃي،ٻڌايو پيو وڃي ته چڪي مالڪ رڳو مهيني ۾ هڪ دفعو مشڪل سان چڪيون هلائين ٿاانهي سلسلي ۾

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

خيرپور پرسان ٽرڪ مان نوجوان جو لاش ۽ ڊرائيور بيهوش حالت ۾ هٿ

موسائي اسٽاپ وٽ بيٺل ٽرڪ مان نعمان آرائين جو لاش هٿ آيو

ٽرڪ ڊرائيور امداد علي چوهاڻ بيهوش حالت ۾ مليو، اسپتال منتقل

خيرپور(ڊ ر) خيرپور پرسان قومي شاهراه تي موسائي اسٽاپ وٽ بيٺل ٽرڪ مان نوجوان جو لاش هٿ ۽ ڊرائيور بيهوشي واري حالت ۾ هٿ تفصيل موجب موسائي اسٽاپ وٽ بيٺل ٽرڪ مان نوجوان جو لاش مليو آهي جڏهن ته ڊرائيور بيهوشي واري حالت ۾ مليو آهي جڏهن ته اطلاع ملڻ تي پوليس موقعي تي پهچي نوجوان جي لاش ۽ بيهوش ڊرائيور کي سول اسپتال خيرپور

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ ايڇ آر سي پي جو تعليم جي عالمي ڏينهن جي مناسبت سان مشاورتي اجلاس

مشاورتي اجلاس ۾ تعليمي ماهرن، استادن سول سوسائٽي ميمبرن ۽ وڪيلن جي شرڪت

سنڌ ۾ ٻارن جو هڪ وڏو انگ اڃا تائين اسڪول کان ٻاهر آهي:اڳواڻ

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) تعليم جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان هيومن رائيٽس ڪميشن آف پاڪستان (HRCP) جي علائقائي آفيس حيدرآباد طرفان ضلعي حيدرآباد ۾ سڀني لاءِ تعليم جي حق بابت مشاورتي اجلاس منعقد ڪيو ويواجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن ان ڳالهه تي ڳڻتي ظاهر ڪئي ته آئين جي آرٽيڪل 25-اي تحت تعليم جي ضمانت هئڻ باوجود، سنڌ ۾ ٻارن جو هڪ وڏو انگ اڃا تائين اسڪول کان ٻاهر آهي. صلاح مشوري ۾ تعليم سان لاڳاپيل قانونن جي اثرائتي عملداري ۽ سڀني ٻارن لاءِ مفت،

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: ايڇ آر سي پي پاران تعليم جي حوالي سان ٿيل گڏجاڻي جو ڏيک

حيدرآباد ۾ پينشن ۽ پگهارن جي شڪايتن لاءِ کليل ڪچهري

صوبائي محتسب جي هدايتن تي ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي

پينشن، جي پي فنڊ ۽ پگهارن بابت شڪايتون عملدارن آڏو پيش ڪيون ويون

ريجنل ڊائريڪٽر محتسب جو شڪايتن جي فوري حل ۽ مستقبل ۾ وڌيڪ کليل ڪچهريون ڪرائڻ جو اعلان

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد ۾ پينشن، پگهارن ۽ ٻين شڪايتن جي ازالي لاءِ کليل ڪچهري جو اهتمام پينشن، جي پي فنڊز ۽ پگهارن سان لاڳاپيل عوامي شڪايتن جي ازالي لاءِ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيس حيدرآباد ۾ کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي هي کليل ڪچهري اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ ۽ صوبائي محتسب سنڌ جي هدايتن تي منعقد ڪئي وئي جنهن جي صدارت ريجنل ڊائريڪٽر محتسب حيدرآباد سيد سجاد حيدر شاهه

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

شهدادپور حادثي ۾ فوت ٿيل ٻن پائرن وارو مامرو، وارثن جوابدارن کي خون بخشي ڇڏيو

سوزڪي مالڪ ۽ ڊرائيور فوت ٿيل پائرن جي وارثن جي تڏي تي پهچي معافي ورتي

واقعي ۾ زخمي ٿيل نينگر شان رند جو علاج جاري، علائقي ۾ ڏک جي لهر ڇانيل

شهدادپور (ن ع) 5 ڏينهن اڳ شهدادپور مقصودو رند ويجهو ڳوٺ باجهي رند وٽ سوزڪي ۽ موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ فوت ٿيندڙ ٻن سڳن پائرن هوٽل هلائيندڙ پورهيت عبدالحڪيم رند ۽ عبدالحفيظ رند جي واقعي ۾ ملوث سوزڪي مالڪ عابد آرائين ۽ ڊرائيور عابد ڪمبوه وارثن جي تڏي تي پهچي ويا جن کي وارثن خون بخش ڪري ڇڏيو واضع رهي ته 5 ڏينهن اڳ دريا خان رند مقصودو رند ٿاڻي جي حد ڳوٺ باجهي رند ۾ واقعو پيش آيو جنهن ۾

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

راڌڻ ۾ سخي فضل فقير جي ميلي ۾ ملهه جا زبردست مقابلا

ملهه مقابلي ۾ منير ملاح ۽ ٽيٻلي شيدي سميت پهلوانن زور آزمائي ڪئي

ميلي ۾ ڊي ايس پي دمساز علي جانوري پهلوانن کي هزارين رپيا انعام پڻ ڏنو

راڌڻ (ن ع) راڌڻ ۾ هر سال ٿيندڙ سخي فضل فقير جي ميلي ۾ هن سال به ميلي ۾ ملهه پهلوانن جا زبردست مقابلا ٿيا ملاڪڙي ۾ منير ملاح ماجد ڏکڻ کي ملهون ماري 10 هزار رپين جو بل انعام کٽي ورتو ميلي جي سرواڻ ۽ ميزبان ڊي ايس پي دمساز علي جانوري هزارين رپيا پهلوانن کي انعام طور ڏنا جڏهن ته ميهڙ مان سيد محمد شاهه ۽ ملهه جي پارڪي ۽ ملاکڙا ڪرائيندڙ شوقين علي اڪبر جانوري ميلي جي سرواڻ دمساز علي جانوري کي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5



راڌڻ: مقامي ميلي ۾ ملهه پهلوان زور آزمائي ڪري رهيا آهن

ڪوٽڙي لڳ سرڪاري گدام مان 64 ڪروڙ جي ڪڻڪ وڪرو ٿيڻ جو انڪشاف، فوڊ انسپيڪٽر گرفتار

بولهاڙي گدام مان 64 ڪروڙ 48 لک 35 هزارن جون 64 هزار 483 ڪڻڪ جون ٻوريون وڪرو ڪيون ويون

اينٽي ڪرپشن پوليس جاچ جو دائرو وڌائيندي سرڪاري فرياد تي اهم ڪيس داخل ڪري ڇڏيو

ڊسٽرڪٽ فوڊ ڪنٽرولر نويد احمد طاهر فوڊ انسپيڪٽر الله ڏنو ميمڻ ۽ سپروائيزر علي رضا بروهي خلاف ڪيس داخل

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ: نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي پرسان قائم بولهاڙي ڪڻڪ گدام مان 64 ڪروڙ 48 لک 35 هزار روپين جي ماليت جون 64 هزار 483 ڪڻڪ جون ٻوريون وڪرو ٿيڻ جو انڪشاف سامهون آيو آهي اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ ڄامشورو وڏي پيماني تي جاچ جو دائرو وڌائيندي سرڪاري فرياد تي اهم ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي اينٽي ڪرپشن ٿاڻي ڄامشورو تي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن ڊيشان حيدر ميمڻ

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

پانڊي لڳ ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽرسائيڪل وچ ۾ ٽڪر، ٻه ڄڻا فوت

درگاهه ايٽو شاهه پرسان ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽرسائيڪل جي وچ ۾ زور دار ٽڪر ٿيو

حادثي جي نتيجي ۾ جميل ۽ علي حيدر موقعي تي دم ڏئي حوالي ڪيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال منتقل، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

پانڊي(ن ع) درگاهه ايٽو شاهه پرسان هڪ دل ڏڪائيندڙ ٽريفڪ حادثي ۾ ٻه نوجوان حياتيون وڃائي ويٺا، جنهن سبب علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي آهي. حادثو ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽرسائيڪل جي وچ ۾ زور دار ٽڪر سبب پيش آيو. ٽڪر ايترو شديد هو جو موٽرسائيڪل سوار ٻئي ڄڻا موقعي تي ئي فوت ٿي ويا. فوت ٿيندڙن جي سڃاڻپ جميل پٽ غلام حسين ۽ علي حيدر طور ٿي آهي، جيڪي ڳوٺ ڪوڙو خان - ڪوٽ لالي درگاهه ڏاڏو راڌڻ مشائخ جا رهواسي ٻڌايا پيا وڃن ۽ داڻيداڻا برادري سان تعلق رکندا هئا. حادثي جي اطلاع ملندي ئي پوليس ۽ ريسڪيو عملي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: سبزي منڊي ۾ مزدور عورتون ٽماٽن ۽ مرچن جي ڇانٽي ڪري رهيون آهن

راڻيپور 3 هفتا اڳ معصوم ٻار جو تلاءُ مان لاش هٿ اچڻ وارو مامرو، 2 جوابدار گرفتار

راڻيپور ٿاڻي جي حد پاٽي تلاءُ مان 4 ورهين جي معصوم نينگر علي رضا جو لاش هٿ آيو هو

قتل ڪيس ۾ ملوث افضال فاروقي ۽ نظر محمد چانڊيو کي گرفتار ڪيو ويو آهي:ڊي ايس پي

ٻارڙا راند ڪيڏي رهيا هئا ان دوران جوابدار افضال فاروقي معمولي ڳالهه تان نينگر علي رضا کي مٽي ۾ ڏٻو

خيرپور/راڻيپور(نمائندن وڪان) خيرپور لڳ راڻيپور ٿاڻي جي حد مان 3 هفتا اڳ معصوم ٻار جو تلاءُ مان لاش هٿ اچڻ وارو مامرو 2 جوابدار گرفتار جوابدارن پاران قتل جو اعتراف تفصيل موجب پوليس پاران 3 هفتا اڳ راڻيپور ٿاڻي جي حد ۾ پاٽي جي تلاءُ مان 4 ورهين جي معصوم نينگرعلي رضا جو لاش هٿ اچڻ واري واقعي ۾ ملوث 2 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ ڊي ايس پي اسد الله پٽي پريس ڪانفرنس ڪندي جوابدارن محمد افضال فاروقي ۽ نظر محمد چانڊيو کي ميڊيا آڏو پيش ڪيوهن ٻڌايو ته راڻيپور ۾ اوطاق تي جوابدار پينگ گهوٽي رهيا هئا جتي

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5



سانگهڙ: معاشر ٻارڙي ميڊيا سان ڳالهائي رهي آهي

سانگهڙ: 10 سالا معصوم نياڻي کي زبردستي شادي ڪرائڻ جي ڪوشش

والدين پيسا وٺي زبردستي شادي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن:دعا پٽي

اعليٰ اختياريون ۽ ايس ايس پي سانگهڙ نوٽيس وٺي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪن

سانگهڙ(ن ع) ڪيروجي ويجهو سورهڏي ڳوٺ ۾ رهندڙ حاجي طيب درس جي 10 سال معصوم نياڻي دعا پٽي، والدين تي الزام لڳايو آهي ته اهي هن کي پيسا وٺي زبردستي شادي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن دعا پٽي ٻڌايو ته کي مهينن جي عمر ۾ هن کي مائٽن جي حوالي ڪيو ويو بعد ۾ والدين ٻيهر شادي ڪئي ۽ ڪيس پاڻ سان نه رکيو هاڻي والدين ڪيس اترسنڌ ۾ زبردستي شادي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن معصوم نياڻي چيو ته هوءِ

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻايو ويندو: ڪمشنر حيدرآباد

عوام کي سستو تڪڙو بروقت انصاف فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون

منهنجي آفيس جا دروازا عوام لاءِ کليل آهن، ڪوبه آفيسر ڪم نه ڪري ته مون سان رابطو ڪيو وڃي

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) ڪمشنر حيدرآباد فياض حسين عباسي، ڊي سي دادو سيد مرتضيٰ علي شاهه پڻ گڏ هيا جن خيرپور ناٿن شاهه جي مختلف سرڪاري کاتن جو اچانڪ دورو ڪيو ڪمشنر حيدرآباد وفا ناٿن شاهي لائبريري ۽ تعلقي اسپتال سميت ٻين کاتن جو معائنو ڪيو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪمشنر حيدرآباد چيو ته سرڪاري ادارن جي ڪارڪردگي کي وڌيڪ بهتر بڻايو ويندو ۽ عوام کي سستو تڪڙو بروقت انصاف فراهم

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5



خيرپورناٿن شاهه: ڪمشنر حيدرآباد شهر جو دورو ڪري رهيو آهي

ٽالهي ۾ اٽي جا اگهه بي قابو، انتظاميا خاموش، عوام پريشان

چڪي مالڪن ۽ دڪاندارن اٽو 5200 کان 5300 سئو في مڻ وڪرو ڪرڻ لڳا

اٽو مهانگو ٿيڻ ڪري گهرن ۾ فاقا ڪشي وارو عالم آهي، ويلا ڌاڙي تي مجبور

ٽالهي(ن ع) ٽالهي ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ سنڌ گورنمينٽ جي اعلان کي چڪي مالڪن سميت دڪاندارن ٺڏي ڇڏيو آهي ڪڻڪ جو اٽو ڏسندي ئي ڏسندي 5200 سئو کان 5300 سئو رپيا في مڻ وڪرو ٿيڻ لڳو آهي جي ڪولا ڪندڙ محنت ڪش غريب طبقو ۽ ويلا ڌاڙي لاءِ پريشان ٿي ويو آهي انهي سلسلي ۾ پورهيتن عارف علي، راشد علي، غلام محمد، ۽ ٻين چيو ته هو

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ قبضن ۽ حددخلين سبب ٽريفڪ نظام درهم برهم ٿي ويو آهي:ذيشان جوڻيجو

موٽرسائيڪلن ۽ رڪشن جي غير قانوني پارڪنگ ٽريفڪ رواني ۾ وڏي رڪاوٽ بڻيل آهي

حددخلين خلاف آپريشن سوررن غير قانوني قبضن کي ٻيهر ٿيڻ کان روڪڻ جي ضرورت آهي

بدين (ڊ ر) بدين ۾ غير قانوني قبضا ۽ روڊن تي قائم حد دخلين خلاف هلندڙ آپريشن کي وڌيڪ تيز ۽ بنا فرق جاري رکڻ جو مطالبو اهڙو اظهار سياسي سماجي اڳواڻ ايڊووڪيٽ ذيشان انيس جوڻيجو صحافين سان ڳالهائيندي چيو آهي ته بدين شهر جي روڊن گهٽين ۽ اهم روڊن تي غير قانوني قبضا، دڪانن ٻاهران رکيل سامان، گاڏيون رڪشا ۽ موٽرسائيڪلن جي غير قانوني پارڪنگ سبب ٽريفڪ جو نظام مڪمل طور تي

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5



چنيوٽ: هڪ ڪاريگر ڪاٺ تي مختلف قسم جون ڊزائنون ٺاهي رهيو آهي

هالا لڳ تيز رفتار ڪار جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر هڪ ڄڻو فوت

قومي شاهراه تي پيپل موري وٽ تيز رفتار ڪار جو موٽرسائيڪل سان ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ ڳوٺ فقير نوح هوٿياڻي واسي شير محمد خاصخيلي زخمي ٿيو

زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو پئي ويو رستي ۾ زخمن جا سور نه سهندي دم ڏنو

هالا (ت ر) هالا قومي شاهراه تي تيز رفتار ڪار جو موٽرسائيڪل کي ٽڪر هڪ ڄڻو فوت قومي شاهراه تي پيپل موري وٽ تيز رفتار ڪار جي ٽڪر ۾ ڳوٺ فقير نوح هوٿياڻي جو رهواسي پنجونجاهه ورهين جو شير محمد خاصخيلي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي زخمي حالت ۾ تعلقه اسپتال هالا آندو ويوجتان کيس طبي امداد فراهم ڪرڻ بعد نازڪ حالت ۾ سول اسپتال حيدرآباد نيو پئي ويو ته مٽياري ويجهو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو فوتي جي لاش کي واپس تعلقه اسپتال هالا آندو ويو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5



سکر: وفاقي محتسب سيڪريٽريٽ ۾ عوامي مسئلا ٻڌا پيا وڃن

چمبڙ پريس ڪلب جي چونڊون، حاجي خان پٽي صدر چونڊجي ويو

چمبڙ (ن ع) پريس ڪلب چمبڙ جي سال2026 جي نئين سال جي باڊي چونڊي وئي، سرپرست اعليٰ شاهد اقبال صديقي، ليگل ايڊوائيزر سينئر وڪيل معشوق علي رند، وڪيل سيد عنايت علي شاهه وڪيل علي حب رند، وڪيل مرتضيٰ مبارڪ لغاري، وقار علي رند، جنهن ۾ صدر حاجي خان پٽي، جنرل سيڪريٽري رشيد

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ اڪثر علائقا بلدياتي مسئلن جو شڪار بڻيل

ريلوي انجن شيڊ ڪالوني، گوليمار، سبزي منڊي ۽ پرپاسي وارا علائقا مسئلن جو گڙهه بڻيل

رستن تي بيٺل گندو پاڻي آمدورفت ۾ رڪاوٽ بڻجي ويو آهي ۽ روڊ تباهه ٿي رهيا آهن

سکر (بيورو رپورٽ) ريلوي انجن شيڊ ڪالوني، گوليمار ۽ نيو سبزي منڊي ڏانهن ويندڙ اهم رستو سخت بلدياتي مسئلن جو شڪار بڻجي ويو آهي نيڪال آب جو ناقص نظام صفائي جي خراب صورتحال ۽ ٽٽل ڦٽل رستن سبب علائقي واسين سميت مسافر گاڏين کي به سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي،ان سلسلي ۾ سکر انتظاميا، بلدياتي نمائندن ۽ ريلوي اختيارين جي مبينا بي ڌياني سبب ريلوي انجن شيڊ ڪالوني، گوليمار سبزي منڊي ۽ پرپاسي وارا علائقا مسئلن جو گڙهه بڻيل آهن. رستن تي بيٺل گندو پاڻي آمدورفت ۾ رڪاوٽ بڻجي ويو آهي ۽ روڊ تباهه ٿي رهيا آهن،مقامي ذريعن موجب ريلوي انجن

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ قتل ٿيل محمد حاشر جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن جو احتجاج

حيدرآباد(ڪرائيم رپورٽر) حيدرآباد جي ڪوهسار فيز هڪ جي رهواسي 15 سالن جي محمد حاشر جا قاتل گرفتار ڪرڻ ناڪام وارثن پاران اختيارين کان نينگر جي قاتلن کي فورن گرفتار ڪرڻ جي گهر ڪئي آهي معلومات موجب مهينو اڳ ڪوهسار ائير پورٽ ٿاڻي جي حد ۾ اي پي ايس جو شاگرد 15 سالن جو محمد حاشر جيڪو گهر پاڻين جي گهر ۾ غير موجودگي سبب گهر ۾ موجود هيو سندس گهر پاڻي جئين ئي گهر آيا ته

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5



ٽنڊو باگو: ڳوٺاڻا مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

خانپورمهر پرسان ٽرانسفارمر جون قيمتي ڪوائلون چوري، پوليس جاچ شروع

خانپورمهر(ن ع) خانپورمهر پرسان ڳوٺ حاجي نظام الدين مهر ۾ گذريل رات نامعلوم چور بجليءَ جي ٽرانسفارمر جون انتهائي قيمتي ڪوائلون چوري ڪري فرار ٿي ويا، جنهن سبب ڳوٺ ۾ بجلي بند ٿيڻ سان گڏ رهواسين ۾ سخت پريشاني پکڙجي وئي، واقعي جي اطلاع ملڻ شرط خانپورمهر پوليس فوري طور تي موقع تي پهتي جتي ڳوٺاڻن سان گڏجي جاچ شروع

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5



خانپور مهر: ڪوجي ڪتا چوري جي ڳولها ڪري رهيا آهن

اڏيرولال ۾ ڪوسا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 3 عورتون زخمي

ڳوٺ حاجي خدا بخش ڪوسو ۾ زمين جي مالڪي تان جهيڙو ٿي پيو

جهيڙي ۾ نسيمان، شبينا، زرينا زخمي ٿي پيون، اسپتال منتقل

اڏيرولال (ن ع) اڏيرولال اسٽيشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ حاجي خدابخش ڪوسو ۾ ڪوسا برادري جو زمين جي مالڪي تان جهيڙو هڪ ڌر جا 3 عورتون نسيمان شبينا، زرينا ڪوسو زخمي ٿي پيا جنهن کي پوليس ليٽر ڏئي رورل هيلٿ سينٽر اڏيرولال اسٽيشن منتقل ڪيو ان موقعي تي زخمين ٻڌايو ته خليل ڪوسو جشنڊ ڪوس سلام دين ۽ ٻين لٺين ڪهاڙين سان زخمي ڪيو آهي پوليس موجب شروعات رپورٽ درج ڪري جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

وفاقي احتساب جو ادارو پنهنجي قيام جا 43 سال مڪمل ڪري چڪو آهي:اعجاز قريشي

وفاقي احتساب اداري ملڪ ۾ 25 لک کان وڌيڪ شهرين جي شڪايتن جو ازالو ڪيو آهي

عوام تائين رسائي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ ملڪ ڀر ۾ عوامي رابطا آفيسون ۽ شڪايت مرڪز قائم ڪيا ويا

سکر(بيورو رپورٽ) پڌرائي موجب وفاقي محتسب بڌايو ته گذريل 43 سالن دوران وفاقي احتساب اداري ملڪ ۾ 25 لک کان وڌيڪ شهرين جي شڪايتن جو ازالو ڪيو آهي جن مان وڏي تعداد غريب ۽ محروم طبقي سان واسطو رکندڙ ماڻهن جي آهي ان موقعي تي قوم جي نالي پنهنجي پيغام ۾ وفاقي محتسب اعجاز احمد قريشي طرفان جاري ڪيل پڌرائي ۾ چيو ويو آهي ته وفاقي احتساب جو ادارو اڄ پنهنجي قيام جا 43 سال مڪمل ڪري چڪو آهي

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

موري لڳ چوڪيدار يرغمال، ٽن دڪانن مان چوري، احتجاج

باڊهي روڊ تي هٿياربندن چوڪيدار کي يرغمال بڻائي ٽن دڪانن مان چوري ڪئي

واقعي خلاف شهرين جو احتجاجي مظاهرو، چوري ٿيل سامان واپس ڪرائڻ جو مطالبو

مورو (ن ع) رات دير سان مورو شهر جي باڊهي روڊ تي ڪار ۾ سوارنامعلوم هٿياربندن چوڪيدار کي يرغمال بڻائي ٽن دڪانن جا تالا ٽوڙي روڪ رقم ۽ ٻيو سامان کڻي ويا جيڪا وڏي ناانصافي آهي هنن مطالبو ڪيو ته چوري سامان واپس ڪرايو وڃي شهرين کي تحفظ فراهم احتجاجي مظاهرو ڪيو هنن چيو ته چور ڊاڪو دڪانن جا تالا ٽوڙي لکين روپين جو سامان ۽ روڪ کڻي فرار ٿي ويا ان عمل خلاف شهرين متاثرن جو پريس ڪلب اڳيان

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد جي صحافين مسئلن جي اجاگر ۽ حل لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪيو آهي:ڪاشف شورو

حيدرآباد ترقي جي راهه تي گامزن آهي، عوامي مسئلن جي حل لاءِ ڪا به ڪسر ناهي ڇڏي

اسان هميشه بي لوث عوامي خدمت ڪئي، ڪڏهن به لسانيت جي ڳالهه ناهي ڪئي:جبار خان

پ پ هميشه صحافين جي مسئلن جي حل ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي

سالگرهه جي تقريب ۾ ڪيڪ ڪٽڻ گلن جا هار ۽ گلدستا پيش ڪرڻ سان مهمانن کي ڀليڪار

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ميئر بلديه حيدرآباد ڪاشف خان شورو چيو ته حيدرآباد پريس ڪلب ۽ هتان جي صحافين مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ انهن جي حل لاءِ هميشه مثبت ڪردار ادا ڪيو آهي پاڪستان پيپلز پارٽي صحافين کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ هميشه اڳڀرو رهي آهي هو 92 چينل جي 11هين سالگرهه جي موقعي تي پريس ڪلب ۾ منعقد ڪيل تقريب ۾ مهمان خصوصي طور خطاب ڪري رهيو هو ان موقعي تي وزيراعليٰ سنڌ جو خصوصي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: 92 ٽي وي جي سالگرهه تقريب ۾ ميئر حيدرآباد ۽ ٻيا شريڪ آهن

پنوعاقل لڳ ڳوٺ ٻاهران نوجوان جو لاش هٿ، اسپتال منتقل

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل سلطانپور ڪينٽ ٿاڻي جي حد ڳوٺ ڊرب واسي پورهيت نوجوان جي سنڌس جي ڳوٺ ٻاهران لاش هٿ، اطلاع تي وارث ۽ ڪينٽ پوليس پهچي لاش تعلقه اسپتال ڪڍائي وئي فوتي جي سڃاڻپ علي مردان ولد پير بخش سيرپحر طور ٿي آهي، پنوعاقل پرسان ڳوٺ ڊپ ٻاهران مڃيءَ جي تلاءُ ويجهو لاش هٿ، مقتول جي جسم تي ڪي به گوليون يا تشدد جا نشان ناهن ڳوٺاڻن جي اطلاع تي سلطانپور ڪينٽ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي

سانگهڙ: چوڪيدارن ۾ مبينا زيادتي ۽ وحشيانه تشدد واقعي جو جوابدار گرفتار، عدالت پيش

پوليس جوابدار وزير راڄڙ کي سيڪيورٽي هيٺ سانگهڙ ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ ۾ پيش ڪيو

ڪورٽ سڳوري جوابدار کي ٻن ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي سانگهڙ پوليس حوالي ڪري ڇڏيو

سانگهڙ (ڊ ر) چوٽيارين ٿاڻي جي حد ۾ ٻه ڏينهن اڳ 16 ورهين جي نياڻي شاد بانو ملاح سان مبينا زيادتي ۽ وحشيانه تشدد جو واقعو پيش آيو هو جنهن تي معتاثر نياڻي جي وارثن جي فرياد تي نامزد جوابدار وزير راڄڙ خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو واقعي کان پوءِ پوليس فوري ڪارروائي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

پني عاقل لڳ هٿياربندن جي حملو ۾ 3 ڄڻا زخمي

پنوعاقل (ن ع) سانگي ٿاڻي جي حد ڳوٺ عمر برڙو ۾ جوابدارن هٿان عبدالوهاب برڙو عبدالرزاق ۽ صابر برڙو زخمي زخمين کي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو بابل موجب ته ڳوٺ ۾ خيرات ڪائي نڪتاسين ته جوابدارن موٽرسائيڪل جو اڳ جهلي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ميرپوربٺورو ۾ قومي ڪارڪنن جي گمشدگي خلاف احتجاجي مظاهرو

جسقم آريسر جي اسلم خيرپوري اڳواڻي ۾ علي بندر کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي

ميرپوربٺورو (ن ع) قومي ڪارڪنن جي گمشدگي جي سن ويندڙ رسيا روڊ خلاف مظاهرو خبر موجب جسقم آريسر گروپ پاران ميرپوربٺورو ۾ سنڌ جي قومي ڪارڪنن جي گمشدگي ۽ سائين جي اير سيد جي سالگرهه جي موقعي تي سن ويندڙ اڳواڻ ڪارڪنن جي رستا روڪ سميت سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ قوميرست ڪارڪنن سميت قيدين سان جيل انتظاميا

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ حيدرآباد سينٽرل جيل اندر قومي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن سان غير انساني رويو اختيار ڪرڻ خلاف مظاهرو

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) جسقم آريسر پاران عبدالفتح چنڊ جي اڳواڻي ۾ حيدرآباد سينٽرل جيل اندر قيد قومي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن سان غير انساني رويو اختيار ڪرڻ خلاف قلندر لعل شهباز سي اين جي کان المدينه چوڪ ڪوٽڙي تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ شامل ڪارڪنن حيدرآباد جيل انتظاميه خلاف سخت نعريبازي ڪئي ريلي جي اڳواڻي جسقم

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

سکر فراد ڪري فرار ٿيل همراهه کي اهلڪار گرفتار ڪري گهر ڪري ڇڏيو، وارثن جو احتجاج

سکر(بيورو رپورٽ) سکر مان فراڊ ڪري فرار ٿيل همراهه کي پوليس لائين جي اهلڪار گرفتار ڪري گهر ڪري ڇڏيو وارثن جو احتجاج خبر موجب سکر ساز ڪجهه عرصو اڳ مبينه طور ڪروڙين روپين جو فراڊ ڪري فرار ٿيل بلدر سڪندر چغتائي کي پوليس لائين ٿيل تنڊي منشي احسان ميمڻ پاران ڪيس سکر مان گرفتار ڪري گم ڪيو ويو آهي ان ڏس ۾ سڪندر چغتائي جي پيءُ حمزه ۽ بلال سڪندر چغتائي آهي ته اسان جي پيءُ همراهه سان پڻسن جي ڏيتي ليتي ۽ مسئلو هلندڙ آهي قربان ميمڻ پاران منهنجي پيءُ خلاف سکر ۾ ڪيس پڻ داخل

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.